طَلَبُ الْعِلْمِ فَرِيْضَةٌ عَلٰى كُلِّ مُسْلِمٍ وَّمُسْلِمَةٍ (الحديث)



زينت النساءِ

نماز ۽ پاڪائيءَ جا مسئلا

خاص عورتن لاءِ

مؤلف

استاد العلماء حضرت علامه مولانا خليفه

عبدالرحمٰن وڳڻ نقشبندي

غفاري، بخشي، طاهري دامت برڪاته



الاصلاح پبليڪيشن دادو

طَلَبُ الْعِلْمِ فَرِيْضَةٌ عَلىٰ كُلِّ مُسْلِمٍ وَّ مُسْلِمَةٍ

زينت النساءِ

خاص عورتن لاءِ

جنهن جي ياد ڪرڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ سان عورتن جو ديني خواه دنيوي سينگار زياده ٿي سگهي ٿو. هن ۾ نماز، پاڪائي وغيره جا ضروري مسئلا ۽ عورتن متعلق ضروري ڳالهيون ياد ڪرڻ لاءِ لکيون ويون آهن.

مؤلف

حضرت استاد العلماء مولانا خليفه عبدالرحمان وڳڻ
غفاري بخشي طاهري دامت برڪاتهم

ترميم واضافه

حضرت مولانا مفتي عبدالرحيم طاهري مدظله

الاصلاح پبليڪيشن دادو

كتاب جو نالو: **زينت النساءِ**

مؤلف: **حضرت مولانا استاذ العلماء عبدالرحمان وڳڻ غفاري بخشي طاهري**

اشاعت ٻين: **سيپٽمبر 2016 بمطابق ذي القعد 1437هه**

نظرثاني ۽ ترميم: **حضرت مولانا مفتي عبدالرحيم طاهري**

پروف چيڪ: **استاذ العلماء مولانامحمدسعيد لاكير طاهري**

مولانا محمد قاسم گبول طاهري

مولانا محمد احسان شاهاڻي طاهري

كمپوزنگ ۽ لي آئوٽ: **"وفا" نذير احمد شر طاهري 03003159721**

ڇپرائيندڙ: **جماعت اصلاح المسلمين برانچ انب مگسي**

۽ جمعيت علماءِ طاهريہ ضلع دادو (2)

ساٿاري: **مولانا ارشاد احمد مگسي طاهري**

هديو: 60 روپيہ فقط

ملڻ جا هنڌ:

"وفا"طاهري:03333176973، سيد يحيٰ شاهہ/درگاهہ الله آباد:03003843181، مولانا محمد حسن اوٺوطاهري /نوابشاهہ:03003226609، غلام نبي ميمڻ/ دادو :03003273389، محمد بخش جوٽيجو/ لاڙكاڻو:03003331703، حافظ انور ميمڻ/مٽياري: 03073263922، شمس الدين عباسي/راٽيپور: 03003064776، مولانا نعيم شاهاڻي/ فقيرپورشريف:03003270315، مولانا غلام عباس پنهور /مركز كراچي: 03002750729، مولانامحمدعاشق لنڊ:03007068978، رفيق احمد سومرو/كنڊكوٽ: 03337309565، نذرمحمد پنهور/ قمبرشهدادكوٽ : 03068230928، محمد طاهر "نور"هيسباڻي/بادهہ: 03003259809، ڊاكٽر وجهہ الدين ميمڻ /مورو: 03333407271، محمد پنهل جوكيو/گڏاپ:03212699633، كليم الله جوكيو/ ٺٽو: 03212924884، محمد اسماعيل/ بدين:03073030564، عنايت الله قريشي/ ڄامشورو:03003042070، عبدالله سولنگي/نوشهروفيروز: 03033172760، علي خان كلهوڙو/ ٽنڊومحمد خان: 03133005150

حسن ترتيب

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

نَحۡمَدُہٗ وَنُصَلِّيۡ عَلٰی رَسُوۡلِهِ الۡکَرِيۡمِ

بعد حمد صلوٰة جي عام خاص مسلمان ڀائرن کي گذارش آهي تہ نماز خدائي فرض آهي، هيءُ اهڙو فرض آهي جو هميشہ رات ڏينهن، مرد خواه عورت، غريب توڙي امير، گهر ۾ هجي يا سفر ۾ هر ڪنهن تي فرض آهي. اهڙيءَ طرح اهو شخص جيڪو نماز پڙهي پر پوريءَ طرح احڪام نماز جا ادا نہ ڪري، مثلاً: رڪوع، سجده، قومہ، جلسہ پوريءَ طرح ادا نہ ڪري، قراءَت صحيح نہ پڙهي يا وضوء، غسل جي پاڪائي پوري طرح نہ ڪيائين تہ اهو شخص بہ ائين ئي سمجهيو وڃي تہ گوياڪہ نماز ڪانہ پڙهيائين.

حديث شريف ۾ آيل آهي تہ اهڙي نمازيءَ جي نماز ملائڪ ان جي منهن تي هڻن ٿا، اها نماز قبوليت جي درجي کي نٿي پهچي. تنهن ڪري نماز جا مسئلا سکڻ فرض آهن. هر هڪ مسلمان مرد توڙي عورت تي، ان لاءِ رات ڏينهن سکڻ جي ڪوشش ڪجي. حديث شريف ۾ آيل آهي تہ هڪ مسئلہ سکڻ ۾ سؤ رڪعتن نفل پڙهڻ جيترو ثواب آهي.

ٻي حديث شريف ۾ آهي تہ:

تَدَارُسُ الۡعِلۡمِ سَاعَةً مِّنَ اللَّيۡلِ خَيۡرٌ مِّنۡ اِحۡيَاءِهَا

ترجمه:

ديني علم رات جو هڪ گھڙي پڙهڻ سموري رات جاڳي عبادت ڪرڻ کان وڌيڪ آهي.

دين جي ضروري مسئلن سکڻ جو تمام وڏو ثواب آهي. اڄ ڪلهه وڏي غفلت آهي، جو گھڻا اسان جا نمازي ڀائر ۽ ڀينرون آهن جن کي نماز جا مسئلا ڪو نه ٿا اچن. انهن کي گهرجي تہ ڏينهن جو يا رات جو ڪجهه وقت سيڙائي، ٿورا ٿورا مسئلا سکندا رهن.

اسان جي ڀينرن ۾ مردن کان وڌيڪ سستي آهي، جن کي رڳو **التحيات** بہ ياد نہ هوندو آهي. وڏي ارمان جي ڳالهہ آهي تہ الله ۽ رسول ﷺ جي راضي ڪرڻ لاءِ رڳو نماز جا ضروري مسئلا ۽ دعائون ياد نہ ٿيون ڪن. انهن کان سڪرات، قبر، قيامت وسريل آهن، تڏهن تہ اهڙي سستي ۽ غفلت ۾ آهن.

الله تعالىٰ حضرت مولانا **مولوي عبدالرحمان صاحب** کي جزاء خير عطا ڪري جنهن تڪليف وٺي معتبر ڪتابن مان ضروري مسئلا خاص ڪري عورتن لاءِ چونڊي لکيا آهن، جن جو سکڻ هر ڪنهن عورت تي فرض آهي، اميد آهي تہ اسان جون ڀينرون هي مسئلا سکي ياد ڪري نماز درست ڪري دنيا ۽ آخرت جو اجر ۽ ثواب حاصل ڪنديون.

وَمَاعَلَيۡنَا اِلَّا الۡبَلٰغُ الۡمُبِيۡن.

الملتمس:

فقير بشير احمد عفي عنه غفاري فقيرپوري

پيش لفظ (طبع ثاني)

ازطرف: حضرت مولانا مفتي عبدالرحيم طاهري مدظلہ

نَحۡمَدُہ وَنُصَلِّيۡ عَلٰی رَسُوۡلِهِ الۡکَرِيۡمِ

امابعد!

حضرت محمد عبدالغفار فضلي نقشبندي رحمت پوري المعروف **پيرمٺا سائين** رحمة الله عليه جن پنهنجو تبليغي سلسلو مرد عورتن ٻنهي لاءِ شروع ڪيو. انهيءَ سلسلي ۾ سندن تبليغي اجتماعن ۾ مردن وانگر عورتون بہ شريڪ ٿينديون هيون ۽ انهن لاءِ باپرده نظام رکيو ويندو هو. پاڻ تقرير سان گڏ تحرير جو سلسلو بہ شروع ڪيو ۽ پنهنجي جماعت جي علماءِ ڪرام کي وقت جي ضرورت کي اڳيان رکي آسان زبان ۾ ڪتاب لکڻ جي فرمائش پڻ فرمائي.

پنهنجي شيخ جي فرمائش مطابق علماءِ ڪرام ۽ اديبن مختصر ڪتاب ۽ رساله تحرير فرمايا. سندن جي انهيءَ سلسلي کي سندن جاء نشين حضرت خواجه الله بخش المعروف **سهڻا سائين** رحمة الله عليه اڳتي وڌايوءِ هر معاملي ۾ جماعت ترقي ڪئي. سندن ڪان بعد انهن ٻنهي بزرگن جي طريقت ۽ فيض جي امين حضرت خواجه **محمد طاهر المعروف سجڻ سائين دامت برڪاتهم العاليہ** (سجاده نشين درگاهہ الله آباد شريف، ڪنڊيارو) جن سندن تبليغي مشن ۽ طريقت کي سنياليو ۽ تحريڪ کي بين الاقوامي بنائي ڇڏيو ۽ سندن قيادت ۾ جماعت علم،عملءِ خدمات ۾ وڏا ڪارناما سرانجام ڏنا ۽ ڏئي رهي آهي.انهيءَ سلسلي ۾ جماعت اصلاح المسلمين ۽ جمعيت علماءِ طاهريہ برانچ ڳوٺ انب مگسي تعلقه ميهڙ ضلع دادو جي دوستن پنهنجي تبليغي مشن کي وڌائيندي استاذ العلماء حضرت **مولانا عبدالرحمٰن وڳڻ** غفاري بخشي طاهري دامت برڪاتہ جي ڪتاب "**زينت النساء**"

کي ٻيهر ڇپرائڻ جي ضرورت محسوس ڪئي ۽ اهڙي درخواست جماعت جي دستور مطابق جمعيت علماءِ طاهريه جي صدر جناب صاحبزاده مولانا **محمد جميل عباسي طاهري** (صدر مدرس جامعه عربيه غفاريه درگاهه الله آباد شريف) جن کي ڏني، انهن ڪتاب تي نظرثاني ۽ ترميم واضافه جي ذميواري مون تي رکي.

مان پنهنجي هيٺي حال مطابق ڪتاب کي اول کان آخر تائين پڙهيو، ڪجهه شيون تحقيق جي معيار تي پوريون نہ پيون لهن اُهي خارج ڪيون ۽ انهن جي جڳهه تي ڪافي شين جو اضافو پڻ ڪيو ۽ فقهي مسائل ۾ مفتیٰ به قول ئي باقي رکيا يا وڌايا آهن ۽ ڪٿي فقط الفاظ جو ردوبدل ڪيو آهي. البته احاديث جيڪي فضائل ۾ آهن انهن کي جيئن جو تيئن باقي رکيو آهي ۽ پروف چيڪ ڪرڻ بعد ٻہ ٻہ ٽي دفعا پڙهي تصحيح ڪري جناب **مولانا نذير احمد شر "وفا"** صاحب جي حوالي ڪيا آهن. اميد تہ اڳي جيان هي ڪتاب اجان وڌيڪ مفيد ۽ مؤثر ثابت ٿيندو. (انشاء الله)

الله تعالیٰ حضرت مؤلف جن کي ڪامل صحت عطا فرمائي ۽ انهن سان گڏ مون مسڪين، ڳوٺ انب مگسي وارن احباب، خصوصًا جناب **مولوي ارشاد احمد مگسي** ۽ **وفا شر** صاحب ۽ حصو وٺندڙ سيني دوستن کي اجر جزيل ۽ فلاح دارين نصيب فرمائي.

آمين بجاه سيد المرسلين
صلوات الله عليه وعلیٰ آله واصحابه اجمعين

عبدالرحيم طاهري

شيخ الحديث جامعہ عربيہ بخشيہ

نئون ديرو ضلع لاڙڪاڻو

10 ذي قعد 1437هہ 14 آگسٽ 2016ع

تقريظ

شيخ الحديث والتفسير استاذي العلماء حضرت مولانا حبيب الرحمان گبول طاهري مدظلہ

(مديراعلىٰ الاصلاح پبليڪيشن دادو)

حامدا و مصليا و مسلما

امّابعد!

شرعي مسائل جو سکڻ، سمجهڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جيتري قدر اهم ۽ اڻ ٽر آهي اوتري قدر ان ۾ سستي ۽ غفلت عام آهي. خاص ڪري خواتين سان متعلق مخصوص مسائل بلڪ نماز، روزي جي عام مسائل جي ڄاڻ بہ پنج، ست فيصد شايد هجي.

ٻيا تہ ٺهيو پر اهلِ علم ۽ ديندار طبقو بہ ان سلسلي ۾ اگهور ننڊ ستل آهي الله تعالىٰ جون لک لک رحمتون هجن، ماضي قريب جي ڪامل مرشد خواجه خواجگان **حضرت محمد عبدالغفار المعروف پير مٺا سائين** ۽ خواجہ خواجگان **حضرت الحاج الله بخش المعروف پير سهڻا سائين** نورالله مرقدهما تي، جن مذڪوره ضرورت کي محسوس ڪندي، پنهنجي جماعت جي مرد خواه خواتين کي ديني مسائل خاص ڪري نماز جا مسائل سکڻ ۽ عمل ڪرڻ جو پابند بڻايو.

۽ ان سلسلي ۾ پنهنجي مقرب عالم باعمل خليفه

حضرت الحاج مولانا **مفتي عبدالرحمٰن صاحب** کي ڪتاب لکڻ جو امر فرمايو جن خاص عورتن لاءِ **زينت النساء** نالي ڪتاب ۽ ٻيا ڪتاب لکي شايع ڪرايا، جيڪي جماعت جي سوين مردن ۽ عورتن برزبان ياد ڪيا ۽ انهن تي عمل ڪيو.

جس هجي محترم **فقير محمود مگسي** کي جنهن اڄ کان اندازًا چار ڏهاڪا اڳ لکيل ۽ مارڪيٽ مان ناياب ٿيل ڪتاب زينت النساء کي ٻيهر ڇپرائڻ جو اهتمام ڪيو.

راقم الحروف صرف ابتدائي چند صفحات تي ئي نظرثاني ڪئي ۽ موصوف کي ڪجهه مشورا به ڏنا.

شال الله تعالىٰ اسان جي مائرن، ڀينرن کي هن مفيد ڪتاب مان فائده حاصل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمين.

يارب العالمين بحرمة حبيبک رحمة للعالمين يارب صل وسلم عليه وعلىٰ آله واصحابه اجمعين.

فقير حبيب الرحمٰن گبول طاهري،

مڪتبة الحبيب

درگاهه الله آباد شريف، ڪنڊيارو

7.8.2016

نَحۡمَدُہ وَنُصَلِّيۡ عَلٰی رَسُوۡلِهِ الۡكَرِيۡمِ

وضوء جو بيان

وضوء ۾ چار فرض آهن.

1: منهن ڌوئڻ (ٻڳهائيءَ ۾ شروع پيشانيءَ کان، يعني جتان عام طور وار ڄمندا آهن، ڪاڏيءَ جي پاڙ تائين ۽ ويڪر ۾ هڪ ڪَنَ جي پاپڙيءَ کان ٻئي ڪَنَ جي پاپڙيءَ تائين)

2: ٻنهي هٿن کي نوننين سميت ڌوئڻ

3: چوٿون حصو مٿي جو مَڪُ ڪرڻ

4: ٻنهي پيرن کي ٽِڪِين سميت ڌوئڻ

وضوء جون سنتون

وضوء ۾ ٻارنهن سنتون آهن:

1: نيت ڪرڻ (تہ پليدي دور ٿئي ۽ پاڪائي حاصل ٿئي)

2: **بِسۡمِ اللهِ الۡعَظِيۡمِ وَالۡحَمۡدُ لِلّٰهِ عَلٰی دِيۡنِ الۡاِسۡلَامِ** پڙهڻ جيڪڏهن اهو ياد نہ هجي تہ **بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ** پڙهڻ ئي ڪافي آهي.

3: ڪارائين تائين ٻئي هٿ ڌوئڻ، توڙي جو پاڪ صاف هجن.

4: هٿن جي آڱرين جو خلال ڪرڻ

5: ڳُرڙيون ڪرڻ

6: نَڪَ کي پاڻي ڏيڻ

7: هر هڪ عضوي کي ٽي ڀيرا ڌوئڻ
8: ترتيب قائم ڪرڻ
9: لڳو لڳ ڌوئڻ (يعني ٻئي عضوي جي ڌوئڻ تائين پهريون عضوو سُڪِي نہ وڃي)
10: سموري مٿي جي مَڪُ ڪرڻ
11: ڪَنن جي مَڪ ڪرڻ
12: پيرن جي آڱرين جو خلال ڪرڻ. هن طريقي سان جو کٻي هٿ جي چيچ سان سڄي پير جي چيچ کان شروع ڪري ۽ کٻي پير جي چيچ تي ختم ڪري ۽ خلال ڪرڻ وقت چيچ کي پيرن جي آڱرين جي هيٺ کان مٿئين طرف ڏي ڇڪي.

وضوء جا مستحب ويهہ آهن

1: ڪعبة الله شريف ڏي منهن ڪري ويهڻ
2: مٿيءَ جي ٿانوَ ۾ وضوءَ جو پاڻي ڪڍڻ
3: وضوء وارو ٿانوُ کٻي پاسي کان رکڻ
4: مٿاهين جاءِ تي ويهي وضو ڪرڻ
5: کٻي هٿ سان نَڪ صاف ڪرڻ
6: هر هڪ عضوي تي پهرين آلو هٿ مَلڻ
7: عذر کان سواءِ وقت کان اڳ ۾ وضو ڪرڻ
8: مُندِيءَ کي ڦيرائڻ جيڪڏهن ويڪري هجي پر جيڪڏهن سوڙهي هجي تہ پوءِ ڦيرائڻ فرض آهي.

9: هر هڪ عضوي جي ڌوئڻ وقت:
بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ پڙهڻ

10: وضوء ۾ درود شريف پڙهڻ

11: ڪَنڌ جو مَک ڪرڻ

12: عضون جو ڌوئڻ سڄي طرف کان شروع ڪرڻ

13: وضوء جي (بچيل) پاڻي مان ڪجھ بيهي پيئڻ

14: عضون کي مقرر حدن کان زياده ڌوئڻ

15: ڪڇي هٿ سان ٻنهي پيرن کي ڌوئڻ

16: وضوء ۾ ٻئي ڪنهن کان مدد نه وٺڻ، پر معذور کي جائز آهي.

17: وضوء ڪانپوءِ سورة **اِنَّا اَنۡزَلۡنَاه** ۽ ڪلمه شهادت جو هينئين دعا سان گڏ پڙهڻ:

اَللّٰهُمَّ اجۡعَلۡنِي مِنَ التَّوَّابِيۡنَ وَاجۡعَلۡنِيۡ مِنَ الۡمُتَطَهِّرِيۡنَ وَاجۡعَلۡنِيۡ مِنَ الَّذِيۡنَ لَاخَوۡفٌ عَلَيۡهِمۡ وَلَاهُمۡ يَحۡزَنُوۡنَ

18: وضو ڪرڻ کان بعد وضو جو ٿانوُ ڀري رکڻ

19: وضو ڪرڻ وقت ڪپڙن کي وضوءَ جي پاڻيءَ کان بچائڻ

20: وضوء ۾ نرميءَ سان عضون کي ڌوئڻ ۽ تڪڙ نه ڪرڻ

وضوءَ جا پيچندڙ ٻارنهن آهن

1: پائخانہ ۽ پيشاب جي جاءِ مان ڪنهن شيءِ جو نڪرڻ

2: جسم مان ڪنهن بہ جاءِ کان رتُ يا پُونءِ جو اندران

نڪري پاڪائي ڪرڻ واري جاءِ ڏي وهي هلڻ
3: ٽيڪ ڏئي ننڊ ڪرڻ
4: وات ڀر قيءِ (الٽي) ڪرڻ بلغم کان سواءِ ايتري قي ڪرڻ جو ان سان وات ڀرجي وڃي.
5: چريو، بيهوش ٿي وڃڻ توڙي جو نشي کان هجي
6: مباشرت فاحشه يعني ٻن اگهڙن جو بنا پردي جي پاڻ ۾ ملي وڃڻ توڙي ٻن عورتن جو هجي.
7: ڄور جي رت پيئڻ سان وضو ڀڄندو. چچڙي جيڪڏهن وڏي آهي ته ڄور جي حڪم ۾ آهي.
8: اک، ڪَن يا نَڪ وغيره مان بيماريءَ جي ڪري سُور سان گڏ پاڻي آيو ته وضو ٽٽي پوندو
9: جيڪڏهن ٿُڪ ۾ رت جي ڳاڙهائپ نظر اچي ته وضو ڀڄي پوندو ۽ جيڪڏهن ڦڪاڻ نظر اچي ته وضو نه ڀڄندو.
10: جيڪڏهن مَوقن واري شخص جي جاءِ مقعد (ويهڻ واري جاءِ) ٻاهر نڪرڻ ڪانپوءِ خود بخود اندر هلي وئي ته وضو نه ڀڄندو جيستائين پليتي ظاهر نه ٿئي ۽ جيڪڏهن هٿ يا ڪپڙي سان اندر ڪيائين ته وضو ڀڄي پوندو.
11: وضوء ڪانپوءِ زخم تي پٽي ٻڌائين ۽ رت وغيره جي آلاڻ پٽيءَ تي ظاهر ٿي ته وضو ڀڄي پوندو.
12: وضوء کان پوءِ ويٺي ننڊ ڪندي جهڪي وڃي ته وضو نه ڀڄندس جيستائين زمين تي نه ڪِري، جيڪڏهن ڪِري پوڻ کان پوءِ يڪدم جاڳي پئي ته به وضو نه ڀڄندو.

وضوءَ جا مڪروهه ڳالهيون آهن

1: منهن تي پاڻي زور سان هڻڻ
2: پاڻي ضرورت کان گهٽ يا وڌ ڪپائڻ
3: وضوءَ دوران دنيا جون ڳالهيون ڪرڻ
4: نئين پاڻيءَ سان ٽي دفعا مَک ڪرڻ
5: پليد جاءِ تي ويهي وضو ڪرڻ
6: مسجد جي اندر وضو ڪرڻ
7: جنهن پاڻيءَ سان وضو ڪيو وڃي ان ۾ ٿُڪَ اڇلائڻ يا نَڪ صاف ڪرڻ توڙي جو پاڻي وهندڙ هجي
8: وضوءَ ۾ پيرن ڌوئڻ وقت پيرن جي ترين کي ڪعبة الله شريف ڏي ڪرڻ
9: ڪٻي هٿ سان پاڻي ڪٽي گرڙيون ڪرڻ ۽ نَڪ کي پاڻي ڏيڻ
10: سڄي هٿ سان بنا عذر جي نڪ صاف ڪرڻ
11: پنهنجي وضو ڪرڻ لاءِ ٽانوُ مقرر ڪرڻ
12: سنت جي خلاف وضو ڪرڻ.



تيمم جو بيان

جڏهن ڪو شخص وضو ۽ غسل بيماريءَ جي ڪري يا پاڻي نہ ملڻ ڪري نہ ڪري سگهي، تہ ان وقت وضوءِ ۽ غسل جي بجاءِ تيمم ڪري. تيمم سان بہ اهڙي پاڪائي حاصل ٿيندي جهڙي وضوءَ ۽ غسل سان ٿيندي آهي.

تيمم جو طريقو

پهريان ٻئي هٿ پاڪ زمين تي هڻي پوءِ هٿن جون تريون هيٺ زمين ڏي ڪري ٻنهي هٿن جا آڱوٺا هڪ ٻئي ۾ هڻي جيئن زياده لڳل مٽي ڇڻي وڃي ان ڪان پوءِ هڪ دفعو سموري منهن کي مَلَي، وري ٻيو دفعو ٻئي هٿ زمين تي هڻي ۽ ٻنهي هٿن کي نوننين سميت مَلَي، عورتن کي گهرجي تہ چوڙين ۽ ڪنگڻن وغيره کي هيڏي هوڏي ڪري ۽ انهن جي وچ ۾ ۽ هيٺيان چڱي طرح مَلِن. جيڪڏهن انهن جي گمان ۾ ننهن جيتري ڪا جاءِ رهجي وئي تہ تيمم نہ ٿيندو.
مُنڊي، ڇلو لاهي ڇڏجي. جيڪڏهن وارَ برابر ڪا جاءِ رهجي وئي تہ تيمم نہ ٿيندو ۽ آڱرين جي وچ ۾ خلال ڪري ۽ تيمم جي نيت ڪرڻ فرض آهي. نيت دل جو ارادو آهي ان سان گڏ زبان سان نيت ڪرڻ سنت آهي.
پهريون نيت ڪري پوءِ تيمم ڪري.

غسل جو بيان

غسل واجب ٿيڻ جا سبب

1: مرد جو حشفه عورت جي قُبل يا دُبر (اڳيان يا پويان) ۾ داخل ٿيڻ.(اگرچه دبر ۾ دخول ناجائز آهي)

2: شهوت سان گڏ مَنِيءَ جو زور سان نڪرڻ.

3: ننڊ ۾ غسل پوڻ

4: عورت جو حيض کان پاڪ ٿيڻ

5: عورت جو نفاس کان پاڪ ٿيڻ

انهن پنجن صورتن ۾ وهنجڻ فرض آهي.

غسل جا فرض ٽي آهن:

1: وات ۾ پاڻي وجهي نڙيءَ تائين پهچائڻ يعني گُرڙا ڪرڻ، جيڪڏهن روزي واري نه هجي روزي هجڻ جي صورت ۾ فقط گرڙيون ڪري،

2: نڪ ۾ پاڻي ڏيڻ نڪ جي هَڏِي تائين (وڌيڪ نه، نڪ جي سوراخن ۾ پاڻي پهچائي، جيڪي سوراخ نٿَ يا ڪوڪي ۽ لونگ جا هوندا آهن)

3: سموري بدن تي پاڻي وهائڻ.

غسل جون سنتون 10 آهن

1: نيت ڪرڻ ته پليدي دور ٿئي ۽ پاڪائي حاصل ٿئي

2: ٻنهي هٿن کي ڪراين سميت ڌوئڻ.

3: **بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ** پڙهڻ
4: شرم گاهہ ۽ بدن جي پليد حصي کي ڌوئڻ
5: وضو ڪرڻ
6: ٽي ڀيرا سموري بدن تي پاڻي وهائڻ
7: اُگهڙ جي حالت ۾ قبلي ڏي منهن نہ ڪرڻ
8: سموري بدن کي مَهٽڻ
9: اهڙي جاءِ تي وهنجڻ جو ڪو نہ ڏِسي
10: پاڻي تمام گهٽ ۽ نہ تمام گهڻوکپائڻ، بلڪ پورو کپائڻ.

حيض ۽ استحاضہ جو بيان

مسئله:

هرمهيني عورت کي اڳئين واٽ (عورتاڻي عضوي منجهان) مان جيڪو عادتًا خون ايندو آهي ان کي حيض چوندا آهن.

مسئله: گهٽ ۾ گهٽ حيض جي مدت ٽي ڏينهن ۽ ٽي راتيون آهن ۽ زياده ۾ زياده ڏهہ ڏينهن ۽ ڏهہ راتيون آهن، ڪنهن عورت کي ٽن ڏينهن ۽ ٽن راتين کان گهٽ رت آيو تہ اهو حيض نہ آهي بلڪ بيماري آهي، ڪڏهن ڪڏهن بيماريءَ جي ڪري ائين ٿيندو آهي ۽ جيڪڏهن ڏهہ ڏينهن ۽ ڏهہ راتين کان زياده رت آيو تہ جيترا ڏينهن ڏهن کان زياده آيو اها بيماري آهي.

مسئله:

جيڪڏهن ٽي ڏينهن تہ پورا ٿيا، مگر ٽي راتيون نہ گذريون آهن جيئن جمع جي ڏينهن صبح تي رت (خون) آيو ۽ آچر جي شام مغرب کان پوءِ بند ٿيو تہ اهو حيض نہ آهي، بلڪ بيماري آهي، جيڪڏهن ٽن راتين ۽ ٽن ڏينهن کان ذرو بہ گهٽ آيو تہ حيض ناهي، جيئن جمع جي ڏينهن سج نڪرڻ وقت رت آيو ۽ سومر جي ڏينهن سج نڪرڻ کان ٿوري گهڙي اڳ ۾ بند ٿيو تہ اهو بہ حيض نہ آهي بلڪ اها بيماري آهي.

مسئله:

حيض جي مدت اندر ڳاڙهي، ڦڪي، سائي، خاڪي، ميٽائين ۽ ڪاري رنگ جو رت سڀ حيض آهي. عورت رت جي نڪرڻ واري جاءِ ۾ ڪپهہ رکي ڇڏي، هاڻي جيستائين اها ڪپهہ بلڪل صاف نظر نہ ايندي تيستائين حيض کان پاڪائي نہ سمجهي ويندي ۽ جڏهن ڪپهہ اهڙي صاف نظر آئي جيئن پهرين ڏينهن تي رکي هيائين تہ هاڻي حيض کان پاڪ ٿي وئي.

مسئله:

عام طور نَوَن سالن کان اڳ ۾ ۽ پنجونجاهہ سالن کانپوءِ ڪنهن بہ عورت کي حيض نہ ايندو آهي ۽ انهيءَ جي ڪري نَوَن سالن کان ننڍي ڇوڪري کي جيڪڏهن رت آيو تہ اهو حيض نہ آهي (اڄ ڪلهہ ڪن

ڇوڪرين ڪي نون سالن کان اڳ ۾ بہ رت اچي ٿي ڪنهن ماهر ڊاڪٽرياڻيءَ کان پڇو اها جيڪا راءِ ڏي ان تي عمل ڪيو. يعني جيڪڏهن ڊاڪٽرياڻي چوي تہ حيض آهي تہ ان کي حيض سمجهو ۽ جيڪڏهن چوي بيماري آهي تہ ان کي بيماري سمجهو ۽ جيڪڏهن پنجونجاهہ سالن کانپوءِ ڪجهہ نڪري تہ جيڪڏهن رت صفا ڳاڙهو يا ڪارو آهي تہ حيض آهي، جيڪڏهن ڦِڪو، سائو يا خاڪي رنگ جو هجي تہ حيض ناهي پر ڪا بيماري آهي پر جيڪڏهن انهيءَ عورت کي ان عمر کان اڳ بہ ڦِڪي، سائي يا خاڪي رنگ جو رت ايندو هو تہ پنجونجاهہ سالن کانپوءِ بہ انهيءَ رنگ جو رت حيض سمجهيو ويندو

مسئله:

ڪنهن عورت کي هميشہ ٽي ڏينهن يا چار ڏينهن رت ايندو هو ۽ وري ڪنهن مهيني ۾ زياده آيو پر ڏهن ڏينهن ۽ ڏهن راتين کان زياده نہ آيو تہ اهو سڀ حيض آهي ۽ جيڪڏهن ڏهن ڏينهن ۽ ڏهن راتين کان زياده ٿي ويو تہ جيترا ڏينهن پهرين عادت رهي اوترا ڏينهن حيض آهي، باقي استحاضه يعني بيماري آهي.

ان جو مثال هيءُ آهي جو ڪنهن عورت جي هميشہ ٽي ڏينهن حيض اچڻ جي عادت آهي پر ڪنهن مهيني ۾ نو (9) ڏينهن يا ڏهہ ڏينهن ۽ ڏهہ راتيون رت آيو تہ هي سڀ حيض آهي ۽ جيڪڏهن ڏهن ڏينهن ۽ ڏهن راتين کان هڪ گهڙي بہ زياده رت آيو تہ اهي ٽي ڏينهن

عادت وارا حيض آهي، باقي ڏينهن سڀ بيماريءَ جا آهن، انهن ڏينهن جي نماز قضا ڪري پڙهندي.

مسئله:

هڪ عورت آهي، جنهن جي ڪا عادت مقرر ناهي، ڪڏهن چار ڏينهن رت اچيس ٿو تہ ڪڏهن ست ڏينهن، اهڙي طرح ان جي عادت بدلبي رهي ٿي. ڪڏهن ڏهہ ڏينهن رت آيس تہ اهو سڀ حيض آهي، اهڙي عورت کي جيڪڏهن ڏهن ڏينهن ۽ ڏهن راتين کان زياده رت آيو تہ ان کان اڳئين مهيني ۾ جيترا ڏينهن حيض آيو هيس اوترا ڏينهن حيض جا آهن ۽ باقي بيماري آهي يعني استحاضه.

مسئله:

ڪنهن کي هميشہ چار ڏينهن حيض ايندو هو پوءِ هڪ مهيني ۾ پنج ڏينهن حيض آيس، ان کان بعد ٻئي مهيني ۾ پندرهن ڏينهن رت آيس تہ انهن پندرهن ڏينهن مان پنج ڏينهن حيض جا آهن ۽ ڏهہ ڏينهن بيماري جا آهن ۽ پهرئين عادت جو اعتبار نہ ڪندي، ائين سمجهندي تہ عادت بدلجي وئي آهي ۽ پنجن ڏينهن جي عادت ٿي وئي آهي.

مسئله:

ڪنهن ڇوڪريءَ پهرئين دفعي رت ڏٺو جيڪو ڪنهن بہ طرح بند نہ پيو ٿئي ۽ ڪيترا مهينا برابر ايندو رهيو تہ جنهن ڏينهن رت آيو هيس ان ڏينهن کان وٺي ڏهہ ڏينهن ۽ ڏهہ راتيون حيض آهي، ان کان بعد ويهہ

ڏينهن بيماري آهي، اهڙي طرح ڏهه ڏينهن برابر حيض ۽ ويهه ڏينهن استحاضہ سمجهيو ويندو.

مسئله:

ٻن حيضن جي وچ ۾ پاڪ رهڻ جي مدت گهٽ ۾ گهٽ پندرهن ڏينهن آهي ۽ زياده جي ڪائي حد نہ آهي، پوءِ جيڪڏهن ڪنهن عورت جو حيض اچڻ بند ٿي ويو تہ جيترا مهينا رت نہ آيو تہ اوترو عرصو پاڻ کي پاڪ سمجهندي.

مسئله:

ڪنهن عورت کي ٽي ڏينهن ۽ ٽي راتيون رت آيو، پوءِ پندرهن ڏينهن پاڪ رهي، وري ٽي ڏينهن ۽ ٽي راتيون رت آيس تہ پاڪائيءَ کان پهريان وارا ٽي ڏينهن ۽ ٽي راتيون ۽ ٽي ڏينهن ۽ ٽي راتيون جيڪي پندرنهن ڏينهن کان بعد خون آيو هو حيض جا آهن ۽ وچ ۾ پندرهن ڏينهن پاڪائي جا آهن.

مسئله: جيڪڏهن هڪ يا ٻہ ڏينهن رت آيو، وري پندرهن ڏينهن پاڪ رهي، وري هڪ يا ٻہ ڏينهن رت آيو تہ وچ ۾ پندرهن ڏينهن پاڪائيءَ جو زمانو آهي، اڳيان ۽ پويان هڪ يا ٻہ ڏينهن، جيڪو رت آيو آهي، اهو حيض نہ آهي، بلڪ بيماري آهي.

مسئله: جيڪڏهن هڪ يا ٻہ ٽي ڏينهن رت آيو ۽ پندرهن ڏينهن کان گهٽ پاڪ رهي تہ ان جو ڪجهہ اعتبار نہ

آهي، بلڪ ائين سمجهندي تہ ڇهن تہ پهرين ڪان وٺي پڇاڙي تائين برابر رت جاري رهيو آهي، سو جيترا ڏينهن حيض اچڻ جي عادت اٿس اوترا ڏينهن حيض سمجهي ۽ باقي ڏينهن بيماري آهي. مثال ان جو هي آهي جو ڪنهن عورت کي هر مهيني جي پهرئين، ٻئين ۽ ٽين تاريخ حيض اچڻ جي عادت آهي، پوءِ ڪنهن مهيني ۾ ائين ٿيو، جو پهرئين تاريخ رت آيو، وري چوڏهن ڏينهن پاڪ رهي، وري هڪ ڏينهن رت آيس تہ ائين سمجهندي تہ سورنهن ڏينهن ڇڻ تہ رت برابر جاري رهيو آهي، انهن مان ٽي ڏينهن پهريائين حيض جا آهن ۽ تيرنهن ڏينهن بيماري آهي ۽ جيڪڏهن چوٿين، پنجين ۽ ڇهين تاريخ حيض جي عادت هيس تہ اهي تاريخون حيض جون آهن ۽ ٽي ڏينهن پهريان ۽ ڏهہ ڏينهن پويان بيماري آهي ۽ جيڪڏهن ان جي ڪا بہ عادت نہ آهي بلڪ هن پهريون پيرو رت ڏٺو آهي تہ پوءِ ڏهہ ڏينهن حيض جا سمجهي ۽ ڇهہ ڏينهن بيماري.

مسئله: حمل جي زماني ۾ جيڪو رت اچي، اهو بہ حيض نہ آهي، بلڪ بيماري آهي.

مسئله: ٻار پيدا ٿيڻ وقت ٻار نڪرڻ کان اڳ ۾ جيڪو رت اچي، اهو بہ بيماري آهي، بلڪ ٻار جيستائين اڌ کان زياده نڪري نہ ايندو، تيستائين جو رت ايندو سو بيماري ۾ شمار ڪيو ويندو.

حيض جي احڪامن جو بيان

مسئله:

حيض جي زماني ۾ نماز پڙهڻ ۽ روزو رکڻ جائز ناهي، باقي ايترو فرق آهي جو نماز صفا معاف آهي پاڪ ٿيڻ ڪانپوءِ به قضا نه ڪندي پر روزو معاف ناهي، پاڪ ٿيڻ ڪانپوءِ قضا ڪري رکڻا پوندا آهن.

مسئله:

جيڪڏهن فرض نماز پڙهندي حيض اچي ويو ته اها نماز به معاف اٿس، پاڪ ٿيڻ ڪانپوءِ ان جي قضا نه پڙهندي ۽ جيڪڏهن نفل يا سنت پڙهڻ دوران حيض اچي ويس ته ان جي قضا پڙهڻ واجب اٿس جيڪڏهن روزي جي اڌ ۾ حيض آيو ته روزو ڀڄي پيو، پاڪ ٿيڻ کان بعد فرضي روزو رکڻ فرض آهي ۽ نفلي روزو رکڻ واجب آهي. (بهار شريعت)

مسئله:

جيڪڏهن نماز جي پوئين وقت حيض آيس ۽ اجا نماز ڪا نه پڙهي هيائين ته اها نماز به معاف اٿس.

مسئله:

حيض جي زماني ۾ مڙس سان صحبت (همبستري) ڪرڻ جائز نه آهي، باقي صحبت کان سواءِ ٻيون ڳالهيون جائز آهن، يعني گڏ کائڻ پيئڻ، سمهڻ وغيره جائز آهي.

مسئله:

كنهن عورت جي عادت پنج ڏينهن يا نَون ڏينهن جي هئي، سو عادت موافق رت اچي اچي بند ٿي ويس ته جيستائين نه وهنجندي تيستائين مڙس سان صحبت ڪرڻ جائز نه اٿس، پر جيڪڏهن غسل نه ڪيائين، مگر هڪ نماز جو وقت گذري ويس ۽ ان تي ان جي قضا پڙهڻ واجب ٿي ته پوءِ صحبت ڪرڻ جائز اٿس. ان ڪان اڳ ۾ مڙس سان صحبت نه ڪندي.

مسئله:

جيڪڏهن پنجن ڏينهن جي عادت هيس ۽ رت چار ڏينهن اچي پوءِ بند ٿي ويس ته وهنجي صاف ٿي نماز پڙهندي، پر جيستائين پنج ڏينهن پورا نه گذرندس تيستائين صحبت ڪرڻ جائز نه اٿس، متان وري رت اچيس.

مسئله:

جيڪڏهن پورا ڏهه ڏينهن ۽ ڏهه راتيون حيض آيو ته جنهن وقت رت بند ٿي وڃي ته ان وقت صحبت ڪرڻ جائز اٿس توڙي غسل نه ڪيو هجي.

مسئله:

جيڪڏهن هڪ يا ٻه ڏينهن رت اچي بند ٿي ويس ته وهنجڻ واجب نه آهي، وضو ڪري نماز پڙهي، مگر صحبت ڪرڻ جائز نه آهي. جيڪڏهن پندرهن ڏينهن گذرڻ ڪان اڳ ۾ رت آيس ته هاڻي معلوم ٿيو ته اهو

حيض جو زمانو هو، عادت جيترا ڏينهن جيڪي هجن انهن کي حيض سمجهي ۽ هاڻي وهنجي نماز پڙهي ۽ جيڪڏهن پورا پندرهن ڏينهن گذري ويا ۽ رت بہ نہ آيو تہ معلوم ٿيو تہ اها بيماري آهي سو هڪ يا ٻہ ڏينهن رت اچڻ جي سبب جيڪي نمازون نہ پڙهيون اٿئين، انهن کي قضا ڪري پڙهندي.

مسئله:

ڪنهن کي ٽي ڏينهن حيض اچڻ جي عادت آهي پر ڪنهن مهيني ۾ اهڙو اتفاق ٿيو جو ٽي ڏينهن پورا ٿيا مگر اجا رت بند نہ ٿيو تہ اجان نہ وهنجندي ۽ نماز بہ نہ پڙهندي. جيڪڏهن پورا ڏهہ ڏينهن ۽ ڏهہ راتيون يا ان کان گهٽ ڏينهن ۾ رت بند ٿي ويس تہ انهن سيني ڏينهن جي نماز معاف اٿس. ڪجهہ بہ قضا نہ پڙهندي ۽ ائين سمجهندي تہ عادت بدلجي وئي ان ڪري اهي سڀ ڏينهن حيض جا اٿس ۽ جيڪڏهن يارهين ڏينهن بہ رت آيس تہ هاڻي معلوم ٿيو تہ حيض جا فقط ٽي ڏينهن هيا باقي بيماري آهي. يارهين ڏينهن وهنجندي ۽ ستن ڏينهن جي نماز قضا ڪري پڙهندي ۽ هاڻي نماز نہ ڇڏيندي. توڙي رت ايندو هجي چو تہ اها بيماري آهي.

مسئله: جيڪڏهن ڏهن ڏينهن کان گهٽ حيض آيو ۽ ان وقت رت بند ٿيو جو نماز جو وقت بلڪل ٿورو آهي،

مگر جلدي ۽ تکڙ ۾ وهنجي ٿي ۽ وهنجڻ کان پوءِ اجا ﺑﮥ ايترو وقت بچي ٿو جنهن ۾ رڳو **الله اکبر** چئي نماز جي نيت ڪري سگهي ٿي ۽ ان کان زياده پڙهي نہ ٿي سگهي تڏهن بہ ان وقت جي نماز ان تي واجب آهي ۽ ان جي قضا پڙهندي ۽ جيڪڏهن ان کان ٿورو وقت آهي تہ نماز معاف اٿس ان جي قضا بہ نہ ڪري.

مسئله: جيڪڏهن پورا ڏهہ ڏينهن ۽ ڏهہ راتيون حيض آيس ۽ اهڙي وقت بند ٿيس جو ٿورو وقت آهي جو هڪ ڀيرو **الله اکبر** چئي سگهندي ۽ ان کان زياده چئي نہ ٿي سگهي، وهنجڻ جو بہ وقت نہ مليس تہ بہ ان جي قضا پڙهندي.

مسئله:

جيڪڏهن رمضان شريف ۾ ڏينهن جو پاڪ ٿي تہ هاڻي پاڪ ٿيڻ کان پوءِ کائڻ پيئڻ جائز نہ آهي ۽ سانجهيءَ تائين روزائتن وانگر هجڻ واجب اٿس پر هي ڏينهن روزي ۾ نہ ڳڻيندي ۽ ان کي بہ قضا ڪري رکندي.

مسئله:

جيڪڏهن رات جو پاڪ ٿي ۽ پورا ڏهہ ڏينهن ۽ ڏهہ راتيون حيض آيو آهي ۽ ايتري رات باقي آهي. جنهن ۾ هڪ دفعو **الله اکبر** بہ چئي نہ سگهندي تہ بہ صبح جو روزو واجب ٿي پوندس ۽ جيڪڏهن ڏهن ڏينهن ۽ ڏهن راتين کان گهٽ حيض آيس ۽ اجا ايتري رات باقي آهي جو تکڙ ۾ وهنجي وٺندي، مگر وهنجڻ کان بعد هڪ

دفعو **الله اکبر** بہ چئي نہ سگھندي تہ بہ صبح جو روزو رکڻ واجب آهيس.

پوءِ جيکڏهن ايتري رات باقي هئي ۽ وِهتي ناهي، تہ بہ روزي جي نيت کندي ۽ صبح جو وهنجندي پر جيکڏهن ان کان بہ ٿوري رات باقي هجي يعني وهنجي بہ نہ سگھندي تہ صبح جو روزو رکڻ جائز نہ اٿس بلک سمورو ڏينهن روزائتن وانگر رهندي ۽ ان جي قضا کندي.

مسئله:

جيکڏهن خون سوراخ کان ٻاهر واريءَ کل ۾ نکري آيو تہ ان وقت کان وٺي حيض شروع ٿئي ٿو پوءِ ان کل کان ٻاهر نکري يا نہ نکري ان جو کو اعتبار ناهي، پوءِ جيکڏهن کنهن عورت سوراخ جي اندر کپهہ وغيره رکيائين جنهن کري رت ٻاهر نکري نہ ٿو سگھي، تہ جيستائين سوراخ جي اندر ئي رت بينو آهي ۽ ٻاهرين کپهہ تي رت نہ آيو آهي، تيستائين حيض جو حکم نہ ڏبو. باقي رت ٻاهر واريءَ کل ۾ اچي ويو يا کپهہ وغيره کي ٻاهر کدي اچلايائين تہ ان کان وٺي حيض جو حکم ڏنو.

مسئله:

پاک عورت رات جو اندرئين فرج ۾ ٿهي رکي هئائين صبح جو ان تي رت ڏٺائين تہ جنهن وقت رت ڏٺائين ان وقت کان وٺي حيض سمجهندي.

استحاضہ معذور جي حڪمن جو بيان

مسئله:

استحاضہ يعني بيماريءَ جو حڪم اهڙو آهي، جيئن ڪنهن کي نَڪهير اچي ۽ بند نہ ٿئي تہ اهڙي عورت نماز بہ پڙهندي ۽ روزو بہ رکندي ۽ ان عورت کي صحبت ڪرڻ بہ جائز آهي.

مسئله:

جنهن کي استحاضہ يعني بيماري هجي يا نَڪَهير کُلي پئي اٿس جو ڪنهن طرح بند نہ ٿي ٿئيس يا ڪو زخم اهڙو اٿس جو ان مان گند يڪو وهندو رهيس ٿو ۽ بند نہ ٿو ٿئيس يا پيشاب جي بيماري اٿس هر وقت قطرو قطرو اچيس ٿو ۽ ايترو وقت بہ نہ ٿو مليس جو پاڪائي سان نماز پڙهي سگهي تہ اهڙي شخص کي **معذور** چوندا آهن. ان جي لاءِ حڪم آهي تہ هر نماز لاءِ نئون وضو ڪري، جيستائين اهو وقت هوندو تيستائين ان جو وضو رهندو، البتہ جنهن بيماريءَ ۾ اهو ورتل آهي، ان ڪان سواءِ ٻيو وضوءَ جو ڀڄندڙ پيدا ٿيس تہ ان سان وضو ڀڄي پوندس. ان جو مثال هي آهي تہ هڪڙي عورت کي استحاضہ هو ۽ ان ٻيپهريءَ جي وقت وضو ڪيو تہ جيستائين ٻيپهريءَ جو وقت باقي هوندو تيستائين استحاضہ جي سبب ڪان ان جو وضو نہ ڀڄندو.

البتہ جيڪڏهن پائخانہ يا پيشاب آيس تہ وضو ٽٽي پوندس ۽ جڏهن هي وقت لنگهي ويو ۽ ٻيءَ نماز جو وقت آيو تہ ٻئي وقت لاءِ ٻيو وضو ڪندي. اهڙيءَ طرح هر نماز لاءِ نئون وضو ڪري ۽ ان وضوء سان فرض، نفل جو گهري سو پڙهي.

مسئله:

ماڻهو معذور تڏهن ٿيندو آهي يعني عذر جو حڪم تڏهن لڳائبس جڏهن نماز جو پورو هڪ وقت اهڙو گذري جو رت برابر وهندو رهيس ۽ ايترو وقت بہ نہ مليس جو ان وقت جي نماز پاڪائيءَ سان پڙهي سگهي جيڪڏهن ايترو وقت ملي ويس جو ان ۾ پاڪائي سان نماز پڙهي سگهندي تہ ان کي معذور نہ چئبو.

معذور عورت جي لاءِ حڪم هي آهي تہ هر نماز جي وقت تي نئون وضو ڪري. پوءِ جڏهن ٻيو وقت آيو تہ ان ۾ سموري وقت ۾ رت جو وهڻ شرط ناهي، بلڪ سموري وقت ۾ هڪ ڀيرو رت اچي ويو ۽ باقي سمورو وقت بند رهيو تہ بہ عذر واري ڳڻبي پر جيڪڏهن ان کان بعد هڪ سمورو وقت اهڙو گذري ويس جنهن ۾ رت بلڪل نہ آيس تہ هاڻي معذور ناهي هاڻي ان جو حڪم هي آهي جو جيترا ڀيرا رت ايندس تہ هر ڀيري وضو ٽٽي پوندس.

مسئله:
ٻيپهري جو وقت ڪجھ گذري چڪو هو تہ تڏهن زخم وغيره ڪان رت وهڻ شروع ٿيو تہ پڇاڙي وقت تائين انتظار ڪندي، جيڪڏهن بند ٿي ويو تہ خير، پر جيڪڏهن بند نہ ٿيو تہ وضو ڪري نماز پڙهي، پوءِ جيڪڏهن ٽيپهري جو سمورو وقت رت وهندو رهيو ۽ نماز پڙهڻ جي مهلت نہ ملي سگهيس تہ هاڻي ٽيپهريءَ جو وقت گذرڻ ڪانپوءِ معذور هجڻ جو حڪم لڳائبس ۽ جيڪڏهن ٽيپهريءَ جي وقت اندر رت بند ٿي ويس تہ اها معذور ناهي، جيڪي نمازون انهيءَ وقت تائين پڙهيائين سي درست نہ ٿيون اهي ورري موٽائي پڙهندي.
مسئله: اهڙي عورت پيشاب ۽ پائخانہ جي سبب ڪان وضو ڪيائين ۽ جنهن وقت وضو ڪيو هئائين، تنهن وقت رت بند هئس، جڏهن وضو ڪري بس ڪيائين تہ رت آيس تہ ان رت نڪرڻ ڪري وضو ڀڄي پوندس، البتہ جيڪو وضو نڪهير وغيره جي ڪري ڪيوهيائين خاص اهو وضو نڪهير جي ڪري نہ ڀڄندو.(:بهشتي زيور)
مسئله: جيڪڏهن فجر جي وقت وضو ڪيائين تہ سج نڪرڻ ڪان پوءِ ان وضوءَ سان نماز نہ ٿي پڙهي سگهي، جيڪڏهن سج نڪرڻ بعد وضو ڪيائين تہ ان وضوء سان ٻيپهري جي نماز جائز اٿس، ٻيپهريءَ جي وقت نئين وضوءَ جي ضرورت ڪانہ اٿس. جڏهن ٽيپهري جو وقت ايندو، تڏهن نئون وضو ڪري باقي جيڪڏهن ڪنهن ٻيءَ ڳالھ ڪري وضو ڀڄي پيس تہ اهو جدا مسئلہ آهي.

نفاس جو بيان

مسئله:ٻار پيدا ٿيڻ ڪان پوءِ اڳئين واٽ ڪان جيڪو رتُ ايندو آهي ان کي نفاس چوندا آهن، نفاس جي حد زياده ۾ زياده چاليهہ ڏينهن آهي ۽ گهٽ هجڻ جي ڪائي حد ڪانہ آهي، ڪنهن عورت کي اڌ گهڙي اچي بند ٿي ويس تہ بہ اهو نفاس آهي.

مسئله: اڌ کان زياده ٻار ٻاهر نڪري آيو پر اجا پورو نہ نڪتو آهي، ان وقت جيڪو رت نڪتو اهو بہ نفاس آهي ۽ جيڪڏهن اڌ کان گهٽ نڪتو ۽ ان وقت جيڪو رت نڪتس اها بيماري آهي، جيڪڏهن هوش و حواس باقي اٿس تہ ان وقت بہ نماز پڙهي، نہ پڙهندي تہ گنهگار ٿيندي، ويني نہ ٿي پڙهي سگهي تہ اشارن سان پڙهي، پر قضا نہ ڪري، پر جيڪڏهن نماز پڙهڻ جي ڪري ٻار جي ضايع ٿيڻ جو خطرو آهي تہ نماز نہ پڙهي.

مسئله:

جيڪڏهن ڪنهن عورت جو حمل ڪِري پيو ۽ ٻار جو هڪ اڌ عضوو بڻجي ويو هو تہ ڪرڻ کان پوءِ جو خون آيو، اهو بہ نفاس آهي، جيڪڏهن ڪو بہ عضوو نہ ٺهيو آهي، رڳو گوشت جو ٽڪر آهي تہ ان سان گڏ خون نڪرندڙ نفاس ناهي، پوءِ جيڪڏهن حيض بڻجي سگهي تہ حيض آهي، يعني گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڏينهن ٽي راتيون

اچي ۽ جيڪڏهن حيض نہ بڻجي سگهي مثلاً: ٽن ڏينهن کان گهٽ اچي تہ بيماري آهي يا اجا پاڪائيءَ جا پندرنهن ڏينهن بہ نہ گذريا تہ وري خون شروع ٿي ويو تہ ان کي استحاضہ چئبو.

مسئله: جيڪڏهن خون چاليهن ڏينهن کان وڌي ويو ۽ پهرئين ڀيري اهو ٻار پيدا ٿيو اٿس تہ چاليهہ ڏينهن نفاس جا آهن ۽ جيترا ڏينهن زياده آيو آهي اهو استحاضه آهي، پوءِ چاليهہ ڏينهن کان بعد وهنجي نماز شروع ڪري، رت بند ٿيڻ جو انتظار نہ ڪري ۽ جيڪڏهن هي پهريون ٻار نہ اٿس بلڪ هوءَ اڳي بہ ڪيترا ٻار ڄڻي چڪي آهي ۽ ان کي پنهنجي عادت معلوم آهي تہ هيترا ڏينهن نفاس ايندو آهي تہ جيترا ڏينهن نفاس جي عادت اٿس اوترا ڏينهن نفاس جا آهن ۽ جيڪي ان کان زياده آهن اها بيماري آهي.

مسئله: ڪنهن عورت جي نفاس جي عادت ٽيهہ ڏينهن آهي، پر هن ڀيري ٽيهہ ڏينهن گذري ويا، اجا تائين خون بند نہ ٿيو آهي تہ هاڻي نہ وهنجندي، پوءِ جيڪڏهن چاليهن ڏينهن اندر خون بند ٿي ويس تہ هي سڀ نفاس آهي ۽ جيڪڏهن چاليهن ڏينهن کان زياده آيس تہ فقط ٽيهہ ڏينهن نفاس جا آهن، باقي سڀ استحاضه آهي، ان جي ڪري هاڻي جلدي غسل ڪندي ۽ ڏهن ڏينهن جي نماز قضا ڪندي.

مسئله:

جيڪڏهن چاليهہ ڏينهن کان اڳ ۾ نفاس جو خون بند ٿي ويس تہ جلدي وهنجي نماز شروع ڪندي، جيڪڏهن وهنجڻ سان نقصان جو انديشو آهي تہ تيمم ڪري نماز شروع ڪندي، ڪا بہ نماز اصل قضا نہ ڪري.

مسئله:

نفاس ۾ نماز بلڪل معاف آهي، روزو معاف نہ آهي، ان ڪي قضا ڪري رکندي، نماز, روزي ۽ صحبت جا اهي مسئلا آهن، جيڪي مٿي بيان ٿي چڪا آهن.

نفاس ۽ حيض وغيره جي حڪمن جو بيان

مسئله:

جيڪا عورت حيض ۾ يا نفاس ۾ هجي ۽ جنهن جي مٿان وهنجڻ واجب هجي تہ ان ڪي مسجد ۾ وڃڻ، ڪعبة الله شريف جو طواف ڪرڻ ۽ قرآن پاڪ پڙهڻ ۽ قران شريف ڪي هٿ لائڻ جائز نہ آهي.

مسئله:

جنهن شخص ڪي وضو نہ هجي، تہ ان حالت ۾ قرآن پاڪ ڪي هٿ لائڻ جائز نہ آهي پر زباني پڙهڻ جائز آهي.

مسئله:

حيض جي زماني ۾ مستحب آهي تہ نماز جي وقت وضو ڪري ڪنهن پاڪ جاءِ تي ويهي الله الله ڪري تان جو نماز جي عادت ڇڏائجي نہ وڃيس.

مسئله:

كنهن عورت کي وهنجڻ جي ضرورت هئي، اجان غسل نہ ڪيو هيائين تہ حيض اچي ويس، هاڻي ان جي مٿان وهنجڻ واجب نہ آهي، بلڪ جڏهن حيض کان پاڪ ٿئي تڏهن وهجندي، هڪ غسل ٻنهي ڳالهين کان ڪافي ٿي ويندس.

مسئلہ: حيض واري عورت کي تلاوت جي نيت سان قرآن پاڪ پڙهڻ جائز نہ آهي. البتہ دعا جي نيت سان الحمد شريف يا ٻيون قرآني آيتون پڙهي سگهي ٿي. جيئن:

ربنا آتنا في الدنيا حسنة يا ربنا لاتؤاخذنا وغيره)

اهڙي طرح ڪلمو شريف، درود شريف پڙهڻ ۽ الله تعالىٰ جو پاڪ نالو وٺڻ، استغفار پڙهڻ بہ جائز آهي. (نورالايضاح)

مسئلہ: جيڪڏهن ڪا عورت ٻارڙن کي قرآن پاڪ پڙهائيندي هجي تہ حيض جي حالت ۾ ٻارن کي هِجي پڙهائي ۽ رَوان پڙهائڻ وقت هڪ ساهيءَ ۾ پوري آيت نہ پڙهائي. پر هڪ هڪ يا ٻن ٻن لفظن کان پوءِ ساهہ ڪٽي آيت رَوان پڙهائي. (حوالہ: نورالايضاح)

استنجا ڪرڻ جو بيان

مسئله:

بيت الخلا ۾ وڃڻ کان اڳ ۾ ڇلو، مُنڊي ۽ تعويذ کي پري ڪري، جنهن ۾ قرآن پاڪ جون آيتون لکيل هجن يا خدائي پاڪ نالا مبارڪ هجن.

بيت الخلا ۾ داخل ٿيڻ وقت هيءَ دعا پڙهي:

اَللّٰهُمَّ اِنِيّ اَعُوۡذُبِکَ مِنَ الۡخُبُثِ وَالۡخَبَآئِثِ

ترجمه:

اي الله تبارڪ و تعالىٰ! مان پناهه ٿو وٺان، تو سان پليدي ۽ پليد شين کان.

بيت الخلا ۾ داخل ٿيڻ وقت پهريون کٻو پير اندر رکي ۽ نڪرڻ مهل پهريون سڄو پير ٻاهر ڪڍي ۽ نڪرڻ مهل هيءَ دعا پڙهي:

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ الَّذِيّ اَذۡهَبَ عَنِي الۡاَذىٰ وَعَافَانِيۡ

ترجمه: سڀ تعريفون واسطي الله تبارڪ و تعاليٰ جي آهن، جنهن مون کان تڪليف هٽائي ۽ عافيت بخشي. (عالمگيري)

مسئله:

اول پيشاب جي جاءِ کي ڌوئي پوءِ پائخاني جي جاءِ کي.

مسئله:

پاڻيءَ سان استنجا ڪري، جيڪڏهن روزو نه هجيس ته پائخاني جي جاءِ کي هيٺ زور ڏيئي ڪشادو ڪري صفائي ڪرڻ ۾ زيادتي ڪري. (عالمگيري)

تنبيهه:

اڪثر عورتون وَٽي يا ڪنهن مُنهن ڪليل ٿانوَ ۾ پاڻي ڪڍنديون آهن ۽ ٿانوَ کي ڌهه در ڌهه سمجهي ٻار جي پليتي ۽ پنهنجا هٿ منهن به ان مان ڌوئنديون آهن.

خبردار! اهو پاڻي پليد آهي. بدن يا ڪپڙن کي يا جنهن جاءِ تي لڳندو تہ اها جاءِ پليد ٿي پوندي، توڙي جو ان ٿانوَ ۾ ٻيو نئون پاڻي وڌو وڃي، ڇو جو ضرور ان ۾ اڳين پاڻيءَ مان ذرو رهيل هوندو، تنهن ڪري پاڻي منهن ڍڪيل ٿانوَ ۾ ڪڍجي ۽ ان ۾ اندر هٿ نہ وجهجي.

نماز جي فرض جو بيان

نماز جا فرض چوڏهن آهن. جن مان ست ٻاهريان، جن کي نماز جا شرط چئبو آهي ۽ ست اندريان جن کي نماز جا رڪن چئبو آهي.

نماز جا شرط هي آهن:

1: بدن پاڪ ڪرڻ
2: ڪپڙا پاڪ ڪرڻ
3: اُگهڙ ڍڪڻ
4: جاءِ پاڪ هجڻ
5: قبلي جي طرف منهن ڪرڻ
6: وقت سُڃاڻڻ (يعني وقت جي اندر نماز پڙهڻ)
7: نماز جي نيت ڪرڻ

نماز جا رڪن هي آهن:

1: تڪبير تحريمه يعني نماز جي شروع ڪرڻ وقت **الله اڪبر** چوڻ

2: قيام يعني بلڪل سِڌو ٿي بيهڻ
3: قراءَت يعني ننڍيون ٽي آيتون مثلاً: **اِنَّآ اَعۡطَيۡنٰكَ الۡكَوۡثَرَ** يا هڪ وڏي آيت ٽن ننڍين آيتن جي برابر پڙهڻ
4: رڪوع ڪرڻ يعني ٻئي هٿ گوڏن تي رکي نِوڙڻ
5: سجدو ڪرڻ يعني نڪ ۽ پيشاني ٻئي زمين تي رکڻ
6: پويون قعدو يعني **اَلتَّحِيَّاتُ** جيترو وقت ويهڻ
7: ڪنهن فعل سان نماز مان نڪرڻ

(عورتن ڪي ۽ بيهي نماز پڙهڻ فرض آهي، جيڪڏهن عذر ڪانسواءِ ويهي نماز پڙهندي ته گنهگار ٿيندي.

نماز جي واجبن جو بيان

نماز جا جيڪي واجب هيٺ بيان ٿي رهيا آهن، انهن واجبن مان ڪو ۾ هڪ پُل ۾ رهجي ويو يا ان ۾ تاخير (دير) ڪيائين يا تڪرار (ٻه دفعا ادا) ڪيائين هر حالت ۾ سهو جو سجدو واجب ٿيندو ۽ جيڪڏهن ڄاڻي واڻي واجب ڇڏي ڏيندي آيي ته نماز نه ٿيندي.

نماز جا واجب 16 آهن:

1: فرض جون پهريون ٻه رڪعتون قراءَت لاءِ مقرر ڪرڻ
2: فرض نماز جي پهرين ٻن رڪعتن ۾ الحمد شريف پڙهڻ
3: الحمد شريف هڪ ڀيرو پڙهڻ
4: الحمد شريف، سورة کان اڳ ۾ پڙهڻ

5: فرض جي پهرين ٻن رڪعتن، واجب، سنت ۽ نفلن جي سيني رڪعتن ۾ الحمد شريف سان سورة ملائڻ

6: قومه يعني رڪوع ڪرڻ کان پوءِ مٿي سِڌو ٿي بيهڻ

7: جلسه يعني ٻن سجدن جي وچ ۾ آرام سان ويهڻ

8: تعديل يعني رڪنن ادا ڪرڻ ۾ سمورو بدن آرام سان رکڻ ۽ ڪٽڻ

9: ترتيب سان رڪن ادا ڪرڻ

10: پهريون قعدو يعني وچين **اَلتَّحِيَّاتُ** ۾ ويهڻ

11: ٻنهي قعدن ۾ **اَلتَّحِيَّاتُ** پڙهڻ

12: وتر پڙهڻ

13: دعا قنوت جي تڪبير چوڻ

14: دعا قنوت پڙهڻ

15: سجده تلاوت جو ڪرڻ

16: **السلام عليڪم** جي لفظ سان نماز مان ٻاهر نڪرڻ

نماز جي سنتن جو بيان

نماز جون سنتون 21 آهن:

1: تڪبير تحريمه وقت ٻئي هٿ ڪلهن تائين کڻڻ

2: تڪبير تحريمه وقت هٿ قبله جي سامهون ڪپڙي جي اندران ڪڍڻ

3: سڄو هٿ کٻي هٿ جي مٿان رکڻ

4: ٻئي هٿ سيني تي ٻڌڻ

5: **سُبۡحٰنَکَ اللّٰھُمَّ** پڙهڻ

6: **اَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ** پڙهڻ
7: **بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ** پڙهڻ
8: فرض جي پوين ٻن رڪعتن ۾ رڳوالحمد شريف پڙهڻ
9: الحمد شريف پوري ٿيڻ تي **آمين** چوڻ
10: ثناءِ، اعوذ، **بسم الله** ۽ آمين آهستي چوڻ
11: قراءَت مسنون طريقي سان پڙهڻ
12: تڪبير انتقالي يعني رڪوع ۽ سجدن ۾ وڃڻ وقت الله اڪبر چوڻ
13: رڪوع ۾ ٽي (3) ڀيرا **سُبۡحَانَ رَبِّيَ الۡعَظِيۡمِ** چوڻ
14: رڪوع ۾ هٿن جون آڱريون گوڏن تي ڳنڍائي رکڻ، يعني ڪشاديون نه رکڻ
15: سجدي ۾ 3 دفعا **سُبۡحَانَ رَبِّيَ الۡاَعۡلٰي** چوڻ
16: جلسي ۾ ٻئي پير سڄي پاسي ڪري ويهڻ
17: هر جلسه ۽ **اَلتَّحِيَّاتُ** ۾ ٻئي هٿ سٿرن تي رکڻ
18: پوئين قعده ۾ **اَلتَّحِيَّاتُ** کان بعد درود شريف پڙهڻ
19: پوئين قعده ۾ درود شريف کان بعد دعا پڙهڻ
20: سلام جي وقت سڄي کٻي ڪلهي تي نظر رکڻ
21: سلام هنن لفظن سان چوڻ **اَلسَّلَامُ عَلَيۡكُمۡ وَرَحۡمَةُ اللّٰهِ**

نماز جي مستحبن جو بيان

1: قيام ۽ رڪوع ۾ ٻئي پير ملائي بيهڻ، ڪا ٻه وِٿي (جاءِ) نه ڇڏڻ
2: رڪوع ۽ سجدي ۾ ٽن دفعن کان وڌيڪ تسبيح پڙهڻ

3: قيام جي حالت ۾ سجدي واري جاءِ تي ۽ رڪوع ۾ پيرن جي پُنِيءَ تي ۽ سجدي ۾ نڪ جي چوٽيءَ تي قعدي ۾ جهولي يا قلب تي ۽ سلام ورائڻ وقت سڄي ڪبي ڪلهي تي نظر رکڻ.

نماز جي ڀڃندڙن جو بيان

نماز جا ڀڃندڙ ٻن قسمن جا آهن:

هڪ قولي ۽ ٻيا فعلي

قولي 13 آهن:

1: گفتگو ڄاڻي واڻي يا ڀُل ۾ ڪرڻ

2: مرحبائي جو سلام يعني **اَلسَّلَامُ عَلَيۡكُمۡ** چوڻ

3: ڇِڪ جو جواب **يَرۡحَمُكَ اللّٰهُ** سان ڏيڻ

4: تڪليف يا موت جو ٻڌي **اِنَّالِلّٰهِ وَاِنَّا اِلَيۡهِ رَاجِعُوۡنَ** ۽ خوشخبري ٻڌي **اَلۡحَمۡدُلِلّٰهِ** چوڻ

6: عجب جي خبر ٻڌي **سُبۡحَانَ اللّٰهِ** يا **لَااِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ** چوڻ

7: نماز ۾ اهڙي شيءِ گُهرڻ، جيڪا عام ماڻهن کان گُهري ويندي آهي جيئن ته ڪا عورت چوي ته يا الله فلاڻي مرد سان منهنجو نڪاح ڪر وغيره،

8: آهه، اوهه، اُف چوڻ،

9: قرآن پاڪ تان ڏسي پڙهڻ

10: قرآن پاڪ غلط پڙهڻ

11: درد، غم، مصيبت کان روئڻ

12: نماز ۾ ٿهڪ ڏيڻ

13: نماز ۾ عذر کان سواءِ ڪنگهڪارڻ.

نماز جا فعلي ڀڃندڙ 11 آهن

1: عمل ڪثير يعني ٻنهي هٿن سان ڪم ڪرڻ يا هڪ رڪن ۾ هڪ هٿ سان ٽي ڀيرا ڪم ڪرڻ
2: ڄاڻي واڻي يا ڀل چڪ ۾ ڪائڻ
3: عذر ڪانسواءِ قبله کان سينو ڦيرڻ
4: ٽن لفظن جو لکڻ
5: نماز ۾ وضوء جي ٽٽڻ بعد نماز واري جاءِ تي هڪ رڪن جيترو ويهڻ.
6: صبح جي نماز ۾ سج جو اُڀرڻ
7: ٻنهي پيرن جو سجدي ۾ مٽي کڄي وڃڻ
8: اشارن واري جو رڪوع ۽ سجدي تي قادر ٿيڻ
9: ناپاڪ جاءِ تي سجدو ڪرڻ
10: پهي يا پٽي جو ڦٽ ڇٽڻ بعد ڪِري پوڻ
11: جيڪو عضوو اگهڙ ۾ داخل آهي، ان جي چوٿين حصي جو کُلڻ.

مسئله:

جيڪڏهن ڪنهن عورت جو ٻارُ نماز جي حالت ۾ کير پيئڻ لڳي وڃي ۽ کير ڇاتيءَ (سيني) مان نڪتو ته نماز ڀڄي پوندي، پر جيڪڏهن کير نه نڪتو ته ٻه ٽن چڳڙن ڏيڻ سان نماز ڀڄي پوندي ۽ کير نڪري چاهي نه نڪري. (عالمگيري)

نمازجي مڪروهن جو بيان

1: **سدل** يعني ڪپڙي کي ٻنهي پاسن کان لڙڪائي ڇڏڻ
2: سجدي واري جاءِ تان عذر کان سواءِ ڪَکُ يا پٿر پري ڪرڻ پر جيڪڏهن سجدو مشڪل ٿئي ته ان شيءِ کي هڪ هٿ سان هڪ ڀيري ۾ هٽائي سگهي ٿي.
3: ڪپڙي کي مٽيءَ کان بچائڻ
4: چولي وغيره جون ٻانهون مٿي ڪُنجڻ
5: اهڙي شيءِ وات ۾ رکڻ، جنهن ڪري قراءَت واجب ادا ٿي نه سگهي.
6: آڱرين مان نڪاءَ ڪيڻ
7: آڱرين ۾ مُندا وجهڻ
8: نماز ۾ ڍاڪَ تي هٿ رکڻ
9: نماز ۾ هيڏي هوڏي واجهائڻ (ڏِسڻ)
10: **التحيات** يا سجدن جي وچ ۾ ڪتي وانگر ويهڻ يعني گوڏن کي سيني سان ملائي ٻئي هٿ زمين تي رکي چتڙن تي ويهڻ.
11: سجده جي حالت ۾ عورت جون ٺونيون زمين کان مٿي ڪڻڻ
12: اهڙو ڪپڙو پائڻ، جنهن ۾ ساهه واري شيءِ جو فوٽو هجي.
13: اهڙي جاءِ تي نماز پڙهڻ جنهن جي ڪٻي، سڄي تصويرون هجن.
14: رڪوع، سجدن، قومه ۽ جلسه ۾ آرام کي ڇڏڻ
15: پائخانه يا پيشاب جهلي (روڪي) نماز پڙهڻ.

عورتون (20) ويهن ڳالهين ۾ مردن کان نماز ادا ڪرڻ ۾ مخالف آهن، باقي مردن وانگر نماز ادا ڪنديون:

1: عورت تڪبير تحريمه وقت ڪُلهن تائين هٿ کڻندي ۽ مرد ڪَنن جي پاپڙين تائين کڻندو
2: عورت ڪپڙي کان ٻاهر هٿ نہ ڪڍندي ۽ مرد ٻاهر ڪڍندو
3: عورت قيام واري حالت ۾ سڄي هٿ جي تَرِي کٻي هٿ جي پٺيءَ تي صرف رکندي ۽ مرد رکڻ سان گڏ آڱرين سان ڪَرائي تي ٻڌندو.
4: عورت هٿ سيني تي ٻڌندي ۽ مرد دُنَ کان هيٺ ٻَڌندو
5: عورت رڪوع ۾ گهٽ جُهڪندي۽ مرد زياده جُهڪندو
6: عورت رڪوع ۾ هٿ تي ٽيڪ نہ ڏئي ۽ مرد هٿ تي ٽيڪ ڏيندو.
7: عورت رڪوع ۾ گوڏن تي هٿ رکندي ۽ مرد گوڏن کي زور سان پڪڙيندو
8: عورت رڪوع ۾ پنهنجي گوڏن کي جُهڪائيندي ۽ مرد نہ جُهڪائيندو.
9: عورت رڪوع ۾ ويڙهيل رهندي، يعني عضوا هڪ ٻئي سان مليل رهن ۽ مرد عضون کي ڪشادو رکندو
10: عورت سجدي ۾ پنهنجا بَغل نہ کولي برخلاف مرد جي،
11: عورت سجدي ۾ پنهنجي ٻنهي هٿن کي ٺونٺين

سميت زمين تي رکندي ۽ مرد زمين تي نہ رکندو.
12: قعدي ۾ عورت پنهنجا ٻئي پير سڄي طرف ڪڍي چتڙن تي ويهندي ۽ مرد کٻو پير وڇائي ان تي ويهندو ۽ سڄو پير اُڀو رکندو.
13: قعدي ۽ جلسه ۾ عورت پنهنجي آڱرين کي مِلائي رکندي ۽ مرد آڱرين کي پنهنجي حال تي رکندو.
14: نمازي عورت جي آڏو کو لنگهي تہ عورت هٿ تي هٿ هڻي ۽ مرد **سبحان الله** چئي لنگهندڙ کي خبردار ڪري.
15: عورت مرد جي امامت نہ ڪندي ۽ مرد امامت ڪري سگهي ٿو.
16: عورتون پاڻ جماعت ڪن ۽ عورت امام ٿئي ان ۾ اگرچہ اختلاف آهي پر صحيح فتوىٰ اها آهي تہ جائز آهي.
(فتح القدير)
17: عورتون پاڻ ۾ جماعت ڪن تہ سندن عورت امام پهرين صف جي وچ ۾ ٻين عورتن سان گڏ بيهي نماز پڙهائيندي.
18: عورتن تي جمع ۽ عيدون واجب ناهن ۽ مردن تي واجب آهن.
19: عورت فجر جي نماز اجا اونداهي ئي هجي تہ پڙهي ۽ مرد تي ان وقت پڙهڻ مستحب آهي، جڏهن تمام ڏاڍي چٽي روشنائي ٿئي.
20: عورت رڪوع ۾ گوڏن تي هٿ رکڻ وقت آڱريون ڪشاديون نہ رکي، بخلاف مرد جي.

نماز پڙهڻ جو طريقو

جڏهن نماز پڙهڻ شروع ڪري ته پهريائين قبلي ڏي منهن ڪري بيهي پوءِ دل ۾ نيت ڪري ۽ ان سان گڏ زبان سان چوي ته نيت ڪيان ٿي نماز صبح جي ٻه رڪعتون فرض واسطي الله تبارڪ و تعالىٰ جي منهن طرف ڪعبة الله شريف پوءِ ٻئي هٿ ڪلهن تائين هن طرح سان کڻي جو هٿن جون تريون قبله جي طرف سامهون ٿين ۽ هٿن کي رئي مان ٻاهر نه ڪڍي، پوءِ سيني تي هن طرح ٻڌي جو سڄي هٿ جي تري کٻي هٿ جي پٺيءَ تي رکي **الله اڪبر** چئي هٿ ٻڌي ۽ ان ڪان پوءِ هي دعا پڙهي:

ثناء:

سُبۡحَانَکَ اللّٰهُمَّ وَبِحَمۡدِکَ وَتَبَارَکَ اسۡمُکَ وَتَعَالٰى جَدُّکَ وَلَا اِلٰهَ غَيۡرُکَ.

پوءِ اَعُوۡذُ بِاللهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ. بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

پوءِ **اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعَالَمِيۡنَ • اَلرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ • مٰلِکِ يَوۡمِ الدِّيۡنِ • اِيَّاکَ نَعۡبُدُ وَاِيَّاکَ نَسۡتَعِيۡنُ • اِهۡدِنَا الصِّرَاطَ الۡمُسۡتَقِيۡمَ • صِرَاطَ الَّذِيۡنَ اَنۡعَمۡتَ عَلَيۡهِمۡ غَيۡرِ الۡمَغۡضُوۡبِ عَلَيۡهِمۡ وَلَاالضَّآلِّيۡنَ•**

پوءِ **آمين** چئي ۽ پوءِ ڪا سورة پڙهي:

اِنَّآ اَعۡطَيۡنٰكَ الۡكَوۡثَرَ •فَصَلِّ لِرَبِّكَ وَانۡحَرۡ• اِنَّ شَانِئَكَ هُوَ الۡاَبۡتَرُ•.

پوءِ **الله اڪبر** چئي رڪوع ۾ وڃي ۽ **سُبۡحَانَ رَبِّيَ الۡعَظِيۡمِ** ٽي ڀيرا، يا پنج دفعا پڙهي ۽ ٻنهي هٿن جون آڱريون ملائي گوڏن تي رکي ۽ ٻنهي ٻانهن کي پاسن سان چڱيءَ طرح ملائي پوءِ **سَمِعَ اللّٰهُ لِمَنۡ حَمِدَه** ۽ ان سان گڏ **رَبَّنَا لَكَ الۡحَمۡدُ** چوندي مٿو مٿي کڻي صفا بلڪل سڌي ٿي وڃي، ان کان پوءِ سجده ۾ وڃڻ وقت پهريائين گوڏا زمين تي رکي پوءِ ڪنن جي برابر ٻئي هٿ رکي ۽ آڱرين کي چڱيءَ طرح ملائي ۽ ٻنهي هٿن جي وچ ۾ مٿو رکي ۽ سجدي ڪرڻ وقت پيشاني ۽ نڪ ٻئي زمين تي رکي ۽ هٿن ۽ پيرن جون آڱريون قبله ڏانهن ڪري ۽ پير ايا نہ ڪري بلڪ سڄي طرف ڏي ڪڍي ڇڏي ۽ تمام ڏاڍو پاڻ ۾ عضون کي ملائي سجدو ڪري، پيٽ ٻنهي رانن سان ۽ ٻانهون پاسن سان ملائي ۽ ٻنهي ٻانهن کي زمين تي رکي سجدو ڪري.

۽ سجدي ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڀيرا **سُبۡحَانَ رَبِّيَ الۡاَعۡلٰى** چوي پوءِ **الله اڪبر** چوندي اُٿي ۽ چڱيءَ طرح ويهي وڃي وري **الله اڪبر** چئي ٻيو سجدو ڪري ان ۾ بہ گهٽ ۾ گهٽ 3 ڀيرا **سُبۡحَانَ رَبِّيَ الۡاَعۡلٰى** چوي ۽ ان کان پوءِ ٻي رڪعت لاءِ اٿي ٻيهي ۽ زمين تي هٿ

ٽيڪي نہ اٽي، پوءِ **بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ** چئي **الحمد شريف** پڙهي پوءِ ڪا بہ سورة پڙهي جيئن:

قُلۡ هُوَ اللّٰهُ اَحَدٌ • اَللّٰهُ الصَّمَدُ • لَمۡ يَلِدۡ •وَلَمۡ يُوۡلَدۡ •وَلَمۡ يَكُنۡ لَّه كُفُوًا اَحَدٌ•

پوءِ **الله اكبر** چئي رڪوع ۾ وڃي ۽ قومه ۽ سجدو ۽ جلسه ڪري وري ٻيو سجدو ڪري، پوءِ ٻئي پير سڄي طرف ڪڍي ۽ ڪٻي چٿڙن تي ويهي ۽ ٻئي هٿ رانن تي رکي ۽ هٿن جي آڱرين کي پاڻ ۾ ملائي پوءِ پڙهي:

اَلتَّحِيَاتُ لِلّٰهِ وَالصَّلَوٰاتُ وَالطَّيِّبَاتُ اَلسَّلَامُ عَلَيۡكَ اَيُّهَا النَّبِيُّ وَرَحۡمَةُ اللّٰهِ وَبَرَكَاتُه اَلسَّلَامُ عَلَيۡنَا وَعَلٰى عِبَادِ اللّٰهِ الصَّالِحِيۡنَ. اَشۡهَدُ اَنۡ لَّا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاَشۡهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبۡدُه وَرَسُوۡلُه پڙهي پوءِ هيءُ درود پڙهي:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ كَمَا صَلَّيۡتَ عَلٰى اِبۡرَاهِيۡمَ وَعَلٰى آلِ اِبۡرَاهِيۡمَ اِنَّكَ حَمِيۡدٌ مَّجِيۡد. اَللّٰهُمَّ بَارِكۡ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى آلِ مُحَمَّدٍ كَمَا بَارَكۡتَ عَلٰى اِبۡرَاهِيۡمَ وَعَلٰى آلِ اِبۡرَاهِيۡمَ اِنَّكَ حَمِيۡدٌ مَّجِيۡد.

پوءِ هيءَ دعا پڙهي:

رَبِّ اجۡعَلۡنِيۡ مُقِيۡمَ الصَّلٰوةِ وَمِنۡ ذُرِّيَتِيۡ رَبَّنَا وَتَقَبَّلۡ دُعَآءِ. رَبَّنَا اغۡفِرۡلِيۡ وَلِوَالِدَيَّ وَلِلۡمُؤۡمِنِيۡنَ يَوۡمَ يَقُوۡمُ الۡحِسَابِ

پوءِ سلام ڏيڻ ۾ جميع امة مسلمه جي نيت ڪري سڄي طرف منهن ڦيرائي چوي: **اَلسَّلَامُ عَلَيۡكُمۡ وَرَحۡمَةُ اللهِ** ۽ اهڙي نيت سان ڳڌ کٻي طرف چوي پوءِ جن فرضن کان بعد سنتون آهن تہ پوءِ هٿ کڻي هي دعا پڙهجي:

اَللّٰهُمَّ رَبَّنَا آتِنَا فِي الدُّنۡيَا حَسَنَةً وَّفِيۡ الآخِرَةِ حَسَنَةً وَّقِنَا عَذَابَ النَّارِ

پوءِ جلدي اُٿي پنهنجي جاءِ کان سري (هٽي) ٻيءَ جاءِ تي سنتون پڙهي ۽ صبح جي نماز کان بعد جيڪو پڙهيو ٿو وجي اهو پڙهي (يعني تلاوت قرآن پاڪ يا مسئلا وغيره) ۽ انهن نمازن ۾ جن جي پٺيان سنتون ڪونهن جيئن صبح ۽ ٽيپهري جي نماز، ان ۾ سلام ورائڻ کان پوءِ ٽي ڀيرا **اَسۡتَغۡفِرُاللهَ** پڙهي پوءِ هڪ دفعو **آيَةَ الۡكُرۡسِي** ۽ (33) ٽيٽيهہ ڀيرا **سُبۡحَانَ اللهِ** ۽ (33) ٽيٽيهہ ڀيرا **اَلۡحَمۡدُلِلّٰهِ** ۽ (34) چوٽيهہ دفعا **اَللهُ اَكۡبَرُ** پڙهي دعا گهري.

وتر نماز پڙهڻ جو طريقو

وتر نماز پڙهڻ واجب آهي ۽ ان جون ٽي رڪعتون آهن، هيءَ نماز ٻه ٻين نمازن وانگر پڙهبي. فرق هي آهي ته ٽين رڪعت ۾ الحمد شريف ۽ سورة کان پوءِ ٻئي هٿ ڪلهن تائين مٿي کڻي **الله اکبر** چوي ۽ **دعاء قنوت** پڙهي، پوءِ رڪوع ڪري:

دعا قنوت

اَللّٰهُمَّ اِنَّا نَسۡتَعِيۡنُکَ وَنَسۡتَغۡفِرُکَ وَنُؤۡمِنُ بِکَ وَنَتَوَکَّلُ عَلَيۡلکَ وَنُثۡنِيۡ عَلَيۡکَ الۡخَيۡرَ وَنَشۡکُرُکَ وَلَانَکۡفُرُکَ وَنَخۡلَعُ وَنَتۡرُکُ مَنۡ يَّفۡجُرُکَ. اَللّٰهُمَّ اِيَّاکَ نَعۡبُدُ وَلَکَ نُصَلِّيۡ وَنَسۡجُدُ وَاِلَيۡکَ نَسۡعٰي وَنَحۡفِدُ وَنَرۡجُوۡا رَحۡمَتَکَ وَنَخۡشٰي عَذَابَکَ اِنَّ عَذَابَکَ بِالۡکُفَّارِ مُلۡحِقٌ.

وتر عشا جي فرض ۽ سنت کان پوءِ پڙهبو آهي.

روزي رکڻ جي نيت:

وَبِصَوۡمِ غَدٍ نَّوَيۡتُ مِنۡ شَهۡرِ رَمَضَانَ

روزي کولڻ جي نيت:

اَللّٰهُمَّ اِنِّيۡ لَکَ صُمۡتُ وَبِکَ آمَنۡتُ وَعَلَيۡکَ تَوَکَّلۡتُ وَعَلٰي رِزۡقِکَ اَفۡطَرۡتُ

نماز جي فضيلت جو بيان

نماز، الله تعاليٰ وٽ نماز سڀني عملن کان زياده پيارو ۽ فضيلت وارو عمل آهي، الله سائين پنهنجي ٻانهن تي پنج وقت نماز فرض ڪئي آهي، ان جي پڙهڻ ۾ وڏو ثواب آهي ۽ ان کي ڇڏڻ وڏو گناهہ آهي.

حضور ﷺ جن فرمايو آهي تہ نماز دين جو ٿنڀو آهي، جنهن نماز کي سٺي طرح ادا ڪيو تنهن ڄڻ دين جو ٿنڀو قائم ڪيو، پر جنهن دين جي ٿنڀي کي ڪيرايو يعني نماز نہ پڙهيائين، ان پنهنجي دين کي برباد ڪيو.

حضور نبي ڪريم عليہ الصلواة والسلام جن فرمايو آهي تہ قيامت جي ڏينهن پهريائين نماز جي باري ۾ پڇا ٿيندي، ان ڏينهن نمازيءَ جو منهن، ٻئي هٿ ۽ ٻئي پير سج وانگر روشن ۽ چمڪندڙ هوندا ۽ بي نمازي انهيءَ نعمت کان محروم هوندا.

حضور عليہ الصلواة والسلام جن فرمايو آهي تہ نمازيءَ جو اُٿڻ قيامت ڏينهن نبين، شهيدن ۽ ولين سان گڏ ٿيندو، تنهن ڪري نماز پڙهڻ ڏاڍو ضروري آهي ۽ نماز نہ پڙهڻ تمام سخت بڇڙو ۽ بُرو ڪم آهي، ڏسو تہ نماز پڙهڻ جي ڪيتري اهميت آهي.

مسائل متفرقات

جيڪڏهن ننهن ايترا وڏا هجن، جو انهن جي هينيان آڱرين جو مٿو ڍڪجي وڃي ته انهن جي هينيان پاڻي پهچائڻ واجب آهي ۽ جيڪڏهن ننڍا هجن ته واجب ناهي، باقي اٽو وغيره ننهن ۾ آهي ته عورت جو وضو ٿي ويندو.

حديث شريف ۾ ٽن ڄڻن کي استثنىٰ ڏني وئي آهي انهن منجهان هڪ عورت آهي جنهن کي گهريلو ذميواريون ادا ڪندي ننهن ۾ ڪجهه اچي ويو ته وضوءَ ۾ خلل نه پوندو.

مسئله:

جيڪڏهن وضو ڪرڻ ۾ ڌوئڻ جي جاين مان سُئي جي سوراخ برابر سڪل باقي رهجي ويو يا ننهن ۾ اٽو لڳي سُڪي ويو يا ننهن جون پاڙون ٻاهريون سڪل يا آليءَ مٽيءَ سان ڀريل هجن ته وضو جائز نه ٿيندو(**عالمگيري**)

اهڙي طرح اڪثر عورتون ننهن کي ڳاڙهو رنگ هڻنديون آهن، انهن جو غسل (تڙ) هرگز ڪو نه لهندو ۽ وضو به جائز نه ٿيندو ڇو ته ان رنگ جي هينيان پاڻي ننهن کي ڪو نه پهچندو آهي، تنهن ڪري رنگ هرگز نه لائجي، لائجي ته وضو يا غسل وقت لاهي ڇڏجي. هي مسئلو ٻين عورتن تائين پهچايو ته توهان کي به ثواب ملندو.

مسئله: بدن ڌوئڻ مان مراد پاڻي جو وهائڻ آهي ايترو وهائجي جو پاڻيءَ جا قطرا عضون کان هيٺ ڪِري پون.

مسئله:

عضون کي هر هڪ ڀيري اهڙو ڌوئڻ گهرجي جو سموري عضوي تي پاڻي پهچي وڃي، جنهن جو ڌوئڻ فرض آهي، جيڪڏهن پهرين ڀيري اهڙو ڌوتائين جو ٿورو عضوو سُڪل رهجي ويو، وري ٻئي ڀيري جي ڌوئڻ ۾ اجا ٿورو رهجي ويو ۽ پوءِ ٽئين دفعي جي ڌوئڻ سان سمورو عضوو ڌوپي ويو ته هي ٽي ڀيرا ڌوئڻ نه ٿيو بلڪه هڪ ڀيرو ئي ٿيو، وضو صحيح ٿيو مگر انهيءَ عضوي جو ڌوئڻ سنت جي خلاف چئبو.

مسئله:

جنهن شيءِ جي نڪرڻ سان وضو ڀڄي پوي ٿو، اها شيءِ پليد آهي، جنهن شيءِ جي نڪرڻ سان وضو نه ٿو ڀڄي، اها پليد ناهي، مثلاً: جيڪڏهن ٿورو رت نڪتو، جيڪو وهي نه هليو، يا وات ڀريل قيءِ نه آئي ته اهو رت ۽ قي پليد نه آهن.

جيڪڏهن ڪپڙي يا بدن کي لڳي پون ته ان جو ڌوئڻ واجب نه آهي، جيڪڏهن وات ڀريل قي آئي يا رت وهي هليو ته اهو رت ۽ قي پليد آهي ۽ کير پيئندڙ ٻار جي قي به انهيءَ حڪم ۾ آهي وات ڀريل قي (الٽي)

آيس ۾ ڪپڙي کي لڳي تہ ڌوئڻ ڪانسواءِ نماز نہ ٿيندي ۽ وات پريل ڦي ڪرڻ ڪان پوءِ ڦي ڪندڙ وٺي يا ڪنهن ٽانوَ مان منهن لائي گرڙيون ڪندو تہ اهو ٽانوُ پليد ٿي پوندو، تنهن ڪري هٿ سان پاڻي کڻي گرڙيون ڪجن.

****

غسل جا مسئلا

مسئله: عورت کي وهنجڻ وقت خارج فرج ڌوئڻ ضروري آهي، احتياطاً آڱر سان صفائي ڪري. (عالمگيري)

مسئله: جيڪڏهن نَون (9) سالن (يعني نابالغ جنهن کي انزال نہ ٿئي) جو ڇوڪرو ڪنهن عورت سان همبستر ٿيو تہ عورت تي وهنجڻ واجب ٿيندو ۽ ڇوڪر تي مستحب ٿيندو.

مسئله: مُندي جيڪڏهن تنگ هجي تہ ان کي ڇَورڻ واجب آهي.

نماز جا مسئلا:

مسئله:

عورت کي نماز ۾ ٻن هٿن ۽ ٻن پيرن ۽ منهن ڪان سواءِ سمورو وجود ڍڪڻو آهي، پر جيڪڏهن نماز ۾ چوٿون حصو پُنِيءَ جو يا ٻانهن يا رانَ جو کُلِي ويو ۽

ايتري دير تائين کُليو رهيو جو ٽي ڀيرا **سبحان الله** چئي سگهجي ٿو ته نماز ڀڃي پوندي، اهڙيءَ طرح ڪنهن به عضوي جي چوٿائي کُلڻ سان نماز ٽٽي پوندس، تنهن ڪري وڏي رئي سان پاڻ کي ويڙهي پوتي يا ننڍي رئي سان نماز درست نه ٿيندي جو اڪثر چولي جون ٻانهُون ننڍيون ڪيون ٿيون وڃن جو ٻانهن اگهاڙي ٿي رهي، اهڙي حالت ۾ نماز صحيح نه ٿيندي.

مسئله: سنهي باريڪ ڪپڙن سان نماز پڙهڻ جائز نه آهي، جنهن مان وار ۽ ٻيا عضوا به پيا ڏيکارجن.

تنبيهه:

نماز کان سواءِ به عورتن کي سنها باريڪ ڪپڙا پائڻ ناجائز آهن ۽ سخت گناهه آهي ۽ اهي اگهڙ ۾ داخل آهن، ڇاڪاڻ جو اهڙن ڪپڙن مان اندريون بدن به ڏسڻ ۾ پيو اچي.

مسئله:

جيڪڏهن ڄاڻي واڻي پهريائين رڪعت ۾ سورة پڙهائين ۽ پوءِ الحمد شريف ته نماز موٽائي پڙهندي ۽ جيڪڏهن ويسر ۾ ائين ڪيائين ته سجدو سهوَ جو ڏيندي. سهوَ جي سجدي جي ترتيب هيءَ آهي جو پويون **التحيات** پڙهي پوءِ سڄي طرف سلام ورائي پوءِ ٻه سجدا

ڪندي ۽ وري **التحيات** نئين سر پڙهي پوءِ درود ۽ دعا پڙهي ٻنهي پاسن ڏانهن سلام ورائيندي.

مسئله:

جيڪڏهن ڄاڻي واڻي رڪوع ڪان پوءِ چڱي طرح سڌي ٿي نه بيٺي ته نماز وري موٽائي پڙهندي، اهڙيءَ طرح ٻن سجدن جي وچ ۾ چڱي طرح برابر ۽ آرام سان نه ويٺي ته به نماز موٽائي پڙهندي پر جيڪڏهن ويسر ڪان ٿي ويس ته پوءِ سجدو سهوَ جو ڏيندي پر جيڪڏهن پهرين سجدي مان ٿورو مٿو مٿي ڪڍي وري ٻيو سجدو ڪيائين ته هڪ سجدو ٿيو نماز صفا نه ٿيندس.

مسئله: نماز ۾ هڪ رڪن قيام آهي، يعني بيهي نماز پڙهڻ، تنهن ڪري نماز جو فرض ۽ واجب ۽ سنت بيهي پڙهي باقي نفل بهتر آهي ته بيهي پڙهي پر ويهي پڙهڻ به جائز آهي، اڪثر عورتون فرض به ويهي پڙهنديون آهن، **خبردار!** انهن جي اها نماز هرگز نه ٿيندي، گوياڪ انهن نماز پڙهي ئي ڪا نه، تنهن ڪري سستي، غفلت ڇڏي نماز بيهي پڙهڻ گهرجي ۽ اڪثر عورتون پنهنجي بدن ڍڪڻ جو خيال نه ڪنديون آهن، **خبردار!** ٻانهن جي چوٿين حصي يا پُنِيءَ جي چوٿين حصي کُلَڻ سان نماز هرگز جائز نه ٿيندي، تنهن ڪري غفلت ڇڏي سموري بدن کي منهن ۽ هٿن، پيرن ڪان سواءِ چڱي طرح بدن کي ڍڪڻ گهرجي.

تنبيهه:

جيئن تہ اڪثر طور ڏٺو ويو آهي تہ اڄ ڪلهہ فيشن تمام گهڻو تي ويو آهي جنهن ۾ ناجائز ڪم ڪيا ٿا وڃن ۽ تمام نفيس و باريڪ ڪپڙا جنهن مان اندريون بدن ڏسڻ ۾ پيو ايندو آهي، ۽ سنها رَوا ۽ چولن جون ٻانهون ڏورِن تي باقي سموري ٻَانهن اُگهاڙي يا چولن جون ڳِچيون بہ اهڙيون ٻٽيل جو اڳيون ۽ پويون بدن جو حصو چٽو ڏسڻ ۾ پيو اچي. عورت تي پردو ضروري آهي ۽ نماز ۾ پردو اهو آهي جنهن چادر ۾ هوءَ نماز پڙهي ٿي. هٿن ۽ منهن کان سواءِ پوري بدن کي ان سان ڍڪي. عورت سواءِ پنهنجي مرد جي ٻين لاءِ زينت يا سينگار ڪندي تہ اها سخت گنهگار آهي، تنهن ڪري خدا جو خوف دل ۾ رکي ٻين لاءِ زينت نہ ڪريو ۽ ڏارين کان پردو ڪيو ۽ ڏاريو اهو شخص آهي جنهن سان ان عورت جو نڪاح ٿي سگهي، جهڙي طرح ڏير، سوٽ، ماسات، پڦات، ماروٽ وغيره شريعت ۾ انهن کان بہ پردو ڪرڻ گهرجي.

اڄ ڪلهہ عام طور اهو بہ ڏٺو ويو آهي تہ پنهنجن کان گهڻا ماڻهو پردو ڪو نہ ڪندا آهن اڪثر پڙهيل لکيل ماڻهو تہ پنهنجا نوڪر بہ گهرن ۾ آڻيندا رهندا آهن، جن کان گهرو ڪم ڪار ڪرائيندا وتنداآهن ۽ انهن کان گهرن جون عورتون پردو ڪو نہ ڪنديون آهن تنهن ڪري الله تعالیٰ جو خوف رکي اهڙا ڪم ڇڏي ڏيو.

حديث شريف : 01

حضرت انس رضي الله تعاليٰ عنہ کان روايت آهي تہ مديني شريف جي رهڻ واري هڪ عطر وڪڻندڙ عورت جنهن کي **حوله** چوندا هئا. سا حضرت بيبي عائشه صديقه رضي الله تعاليٰ عنها وٽ آئي ۽ عرض ڪيائين تہ اُمّ المؤمنين منهنجو مڙس فلاڻو شخص آهي جڏهن مان هرهڪ رات سينگار ڪري خوشبو لڳائي اهڙي بڻجندي آهيان جڻ تازو پرڻيل ڪنوار، تيار ٿيل هوندي آهي. جڏهن منهنجو مڙس پنهنجي هنڌ تي اچي سُمهندو آهي تہ مان وجي انهيءَ جي رِلهي يا چادر مٿي ڪري ان سان گڏ گِسڙجي ويندي آهيان، انهن سيني ڪمن ۾ منهنجو مقصد الله تعاليٰ جو راضپو ۽ رضامندو هوندو آهي، مگر هو مون کان منهن ڦيرائي ٻئي طرف ڪندو آهي، مان سمجهان ٿي تہ مون کان نفرت ڪندو آهي. حضرت بيبي عائشہ رضي الله عنها فرمايس تہ ويهہ حضور ﷺ جن تشريف فرمائي اچن تہ انهن کي ئي احوال ڪر.

ايتري ۾ حضور ﷺ جن تشريف ڪٺي آيا ۽ اچڻ سان فرمايائون تہ مون کي خوشبوءِ اچي رهي آهي، توهان وٽ **حوله** آئي هئي ڇا؟ ۽ ان کان ڪجهہ ورتو اٿوَ ڇا؟ حضرت بيبي صاحبہ رضي الله عنها فرمايو تہ اسان اُن کان ڪجهہ نہ ورتو آهي، پوءِ **حوله** پنهنجو سمورو

قصو بيان ڪيو تہ حضور ﷺ جن ان ڳالهہ ڪي ٻڌي فرمايو تہ پنهنجي مڙس جو چيو مڃ ۽ ان جي حڪم تي هل، عرض ڪيائين تہ ائين ڪنديس پر مون کي ڪيترو ثواب ملندو؟.

پاڻ فرمايائون تہ جيڪا عورت اصلاح جي نيت ۽ گهر جي ناهڻ ۽ آباد ڪرڻ جي نيت سان جيڪا شيءِ گهر ۾ ڪٿي تي يا رکي ٿي تہ ان لاءِ الله تعالىٰ هڪ نيڪيءَ جو ثواب لکي ٿو ۽ هڪ گناهہ ميٽي ٿو ۽ هڪ درجه مرتبه ۾ بلند ٿو ڪري ۽ جيڪا عورت ٻار واري حمل جي حالت ۾ ڪا بہ تڪليف برداشت ڪري ٿي، ساري رات جي جاڳڻ ۽ هميشہ روزي رکندڙ ۽ جهاد ڪندڙ جيترو ثواب ملي ٿو ۽ جنهن عورت کي وِيَم جا سور ٿين ٿا تہ هر سور جي عيوض ۾ هڪ ٻانهي آزاد ڪرڻ جيترو ثواب ملي ٿو ۽ ٻار کي کير پيارڻ وقت هر هڪ چڳڙ جي عيوض ٻانهي آزاد ڪرڻ جيترو ثواب مليس ٿو.

جڏهن پنهنجي ٻار کان کير ڇڏائيندي آهي تنهن وقت آسمان مان هڪ آواز ڏيندڙ آواز ڏيندو آهي تہ اي عورت! تو اڳيان سڀ ڪم پورا ڪيا، هاڻي نئين سر ڪم ڪرڻ شروع ڪر، يعني تنهنجي گذريل حياتيءَ جا سڀ صغيرا گناهہ معاف ڪيا ويا، هاڻي گويا تون ماءَ جي پيٽ مان نئين ڄائي آهين.

حضرت بيبي عائشه رضي الله عنها اهو ٻُڌي چوڻ لڳي تہ اي مردؤ! توهان کي ڇا مليو؟ يعني ڪجهہ نہ مِليو، عورتن کي تہ سڀ ڪجهہ ملي ويو تہ حضور نبي ڪريم ﷺ اهو ٻُڌي کِلڻ (مسڪرائڻ) لڳا ۽ چوڻ لڳا تہ:جيڪو مرد پنهنجي گهرواريءَ جو هٿ ان سان خوش طبعي ڪرڻ ڪري پڪڙي ٿو تہ الله تعاليٰ ان لاءِ هڪ نيڪي لکي ٿو جيڪڏهن ان کي ڪنڌ ۾ ڀاڪر پائي ٿو تہ ڏهہ نيڪيون لکيون ٿيون وڃن، پوءِ جڏهن ان سان صُحبت ڪري ٿو تہ دنيا ۽ دنيا جي سڀ شيءِ کان زياده ثواب ملي ٿو ۽ جڏهن وهنجڻ لڳي ٿو تہ ان جي بدن جي جنهن وارَ تان پاڻي لنگهي ٿو تہ ان لاءِ هڪ نيڪي لکي وڃي ٿي ۽ ان جو هڪ گناهہ ميٽيو وڃي ٿو ۽ ان جو هڪ درجو بلند ڪيو وڃي ٿو ۽ وهنجڻ جي عيوض جيڪو ان کي ثواب ڏنو وڃي ٿو سو دنيا و ما فيها کان وڌيڪ آهي ۽ الله تعاليٰ ملائڪن کي بطور فخر چوي ٿو تہ ڏسو منهنجو ٻانهو اڌ رات جو ٿڌ ۾ وهنجي رهيو آهي، ان ڪري جو مان ان جو رب تعاليٰ آهيان توهان شاهد هججو تہ مان ان کي بخشي ڇڏيو.!

حديث شريف: 02

حضرت اُمّ المؤمنين ميمونه رضي الله عنها کان روايت آهي تہ حضور ﷺ جن فرمايو تہ منهنجي اُمّت جي مردن مان اُهي مرد ڀلا آهن، جيڪي پنهنجي

گھروارين سان پلو تا هلن ۽ منهنجي امت جي عورتن مان پليون عورتون اهي آهن جيڪي پنهنجن مڙسن سان پليون ٿيون هلن، اهڙي تابعدار عورت لاءِ هر هڪ رات ۽ ڏينهن ۾ هزار شهيدن جو ثواب آهي، جيڪي ثواب جي اميد سان صبر ڪري الله جي راهہ ۾ شهيد ٿيا آهن، اهڙي عورت جنتي حور تي ايتري فضيلت ۽ پلائي رکي ٿي جيتري فضيلت هر مرد تي مون محمد ﷺ رکان ٿو منهنجي امت مان پلاريون ۽ فضيلت واريون اهي عورتون آهن، جيڪي پنهنجي مردن جي طلب کي آسانيءَ سان پورو ڪن، بشرطيڪ الله تعاليٰ جي ان ۾ بي فرماني نہ هجي يعني حيض وغيره جي حالت ۾ نہ هجي ۽ منهنجي امت مان پلا ۽ فضيلت وارا اُهي مرد آهن، جو پنهنجي گھروارن تي اهڙي مهرباني ۽ شفقت ڪن، جيئن ماءُ پنهنجي ٻچڙي تي مهربان هوندي آهي، اهڙي مرد لاءِ هر هڪ رات ڏينهن ۾ سو شهيدن جو ثواب لکيو ويندو آهي جيڪي ثواب جي اميد تي صبر ڪري شهيد ٿيا آهن.

حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنہ عرض ڪيو تہ هيءَ ڪهڙو سبب آهي جو عورتن لاءِ هزار شهيدن جو ثواب ۽ مردن لاءِ هڪ سؤ شهيدن جو ثواب، پاڻ فرمايائون تہ توکي خبر ناهي تہ عورت مرد کان ثواب ملڻ ۾ وڌيڪ آهي. بهشت ۾ الله تعاليٰ مرد جا درجا ان ڪري وڌائيندو جو ان جي گھرواري ان ڏانهن خوش ۽

راضي آهي ۽ ان لاءِ دعا ڪري ٿي، ڇا توکي معلوم ناهي ته عورت لاءِ شرڪ کان پوءِ سڀ کان وڏو گناهه مڙس جي بي فرماني آهي.

خبردار! ٻن ڪمزورن جي حق بابت الله تعاليٰ کان ڊڄندا رهو الله تعاليٰ توهان کان انهن ٻن جي ضرور بازپُرس ڪندو، اُهي يتيم ۽ عورت آهن، جنهن انهن ٻِن سان ڀلائي ڪئي اهو الله ۽ان جي رضامنديءَ تائين پهچي ويو۽ جنهن انهن ٻِن سان بُرائي ڪئي، اهو الله جي غضب جو لائق بڻيو،مڙس جو حق پنهنجي گهرواريءَ تي ايترو آهي جيترو منهنجو حق توهان تي، جنهن منهنجو حق بجا نه آندو، ان الله تعالیٰ جو حق بجا نه آندو، اهو الله جي غضب هيٺ اچي ويو ان جي جاءِ دوزخ آهي.

حديث شريف: 03

حضرت جابر بن عبدالله رضي الله عنه جو بيان اهي ته اسان حضور ﷺ جن جي خدمت اقدس ۾ حاضر هئاسون، پاڻ ڪريم ﷺ جن اصحابن جي جماعت ۾ جلوه افروز هئا ته اوچتو هڪ عورت اچي نبي ڪريم ﷺ جن جي مٿان بيني ۽ چيائين السلام عليڪم يارسول الله ﷺ مان حضور پاڪ ﷺ جي خدمت اقدس ۾ عورتن جي طرفان وڏي بڻجي آئي آهيان ۽ هر ڪا عورت منهنجي حاضر هجڻ واري خبر ٻڌي، خوش ٿيندي، يارسول الله، الله تعالیٰ مردن جو به آهي ۽ عورتن جو به، حضرت آدم عليه السلام مردن جو به پيءُ

آهي ۽ عورتن جو ٻه۔۽ بيبي حوا مردن جي ٻه ماءُ آهي ۽ عورتن جي ٻه، مرد جڏهن خدا جي واٽ ۾ وڃي ماريا ويندا آهن ته اهي پنهنجي رب وٽ جيئرا رهندا آهن جن کي اتي روزي ٻه ڏني ويندي آهي ۽ زخمي ٿي پوندا آهن ته ٻه انهن لا ايترو ته ثواب آهي جنهن کان توهان واقف آهيو ۽ اسان مردن جي هٿان ٻڌيون وينيون هونديون آهيون ۽ انهن جي خدمت کنديون آهيون پوءِ اسان لاءِ ٻه ڪجهه ثواب آهي، حضور نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو ته منهنجي طرفان عورتن کي سلام ڏي ۽ انهن کي چئو ته مڙسن جي تابعداري ۽ فرمانبرداري ۽ ان جي حقن جو اقرار ڪرڻ،مردن جي جهاد جي ثواب جي برابر آهي، مگر توهان مان ٿوريون ۽ گهٽ عورتون ائين ڪنديون آهن.

حديث شريف : 04

حضرت ثابت بن انس رضي الله عنه جو بيان آهي ته مون کي عورتن رسول الله ﷺ جن جي خدمت اقدس ۾ موڪليو مون حاضر ٿي عرض ڪيو يارسول الله عورتون چَون ٿيون ته مرد فضيلت ۽ بزرگيءَ ۾ وڌي ويا ۽ خدا جي واٽ ۾ جنگ ڪرڻ جو ثواب ڪٽي ويا ۽ اسان جي لاءِ ڪنهن اهڙي عمل جو ذڪر ڪو نه آهي ڇا؟ جو اسان الله جي واٽ ۾ جنگ ڪندڙن سان برابري ڪري سگهئون، پاڻ فرمايائون ته گهر ۾ ويهي توهان جو هر هڪ ڪم کي چڱي طرح ڪرڻ الله جي واٽ ۾ جنگ ڪندڙن جي عمل جي برابر آهي.

حضرت عمران بن حسين ڪان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ ڪان پڇيو ويو تہ ڇا عورتن تي بہ جنگ ڪرڻ فرض آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ هائو! عورتن تي بہ جنگ ڪرڻ فرض آهي، انهن جو جهاد غيرت آهي ۽ اهي پنهنجي نفسن سان جهاد ڪنديون آهن، جيڪڏهن صبر ڪنديون تہ جهاد ڪندڙ ٻڻجي وينديون ۽ روزيءَ جي گهٽتائي ۾ مڙس جي ايذاءَ تي راضي رهنديون تہ اهي گويا جهاد لاءِ تيار ٿيندڙ ۽ تياري ڪندڙ آهن ۽ انهن عورتن ڪي ٻيڻو ثواب آهي.

فائده: عورت هن ڳالهہ جو يقين ۽ عقيدو رکي تہ ان لاءِ گهر جي بندوبست ۽ مڙس جي تابعداري، فرمانبرداري الله تعاليٰ جي واٽ ۾ جنگ ڪرڻ ڪان وڌيڪ آهي.

حديث شريف ۾ آيو آهي تہ عورت لاءِ مڙس يا قبر ڪان وڌيڪ ٻي ڪا بہ شيءِ نہ آهي، حضور نبي ڪريم ﷺ جن هيءُ بہ فرمايو آهي تہ اهو مرد مسڪين آهي، مسڪين آهي، مسڪين آهي، جنهن کي گهرواري ڪانہ آهي، اصحابن سڀني عرض ڪيو تہ يارسول الله ﷺ توڙي جو اهو مالدار آهي، دنيادار بہ هجي، پاڻ فرمايائون توڻي جو اهو مالدار هجي، وري فرمايائون اها عورت مسڪين آهي، مسڪين آهي، مسڪين آهي، جنهن کي مڙس ڪو نہ آهي، اصحابن سڀني عرض ڪيو توڙي جو اها مالدار بہ هجي، پاڻ فرمايائون توڙي جو اها دنيا دار بہ هجي تہ بہ مسڪين آهي.

فائده: مٿي ذڪر ڪيل هن حديث شريف مان معلوم ٿيو ته عورت کي گهرجي ته مڙس ڪري ۽ بنا مڙس جي نه هجي، اڄ ڪلهه اسان جي معاشري ۾ اهو ناحق لڳو پيو آهي، جو ماڻهو نوجوان عورتون گهرن ۾ ويهاريون وينا آهن، انهن جون شاديون، رشتا نه ٿا ڪرائن، انهن کي گهرجي ته خدا جو خوف رکي، انهن کي اُٿارين ۽ انهن تي رحم ڪن ۽ پاڻ به گناهه کان بچن.

آخر دعوانا ان الحمدﷲ رب العٰلمين.

آخرت جي سفر جي تياري

ماخوذ: ازڪتاب تعليم النساء

تاليف: حضرت مولانا محمد قاسم گبول طاهري نقشبندي

ڪُل نفس ذائقة الموت"هر جاندار کي موت جو ذائقو چکڻو آهي."

جنازي جي نماز پڙهڻ، قبر ٺاهڻ ۽ دفن ڪرڻ مردن جو ڪم آهي پر عورت جي جنازي کي غسل ڏيڻ، ڪفن ٺاهڻ ۽ پارائڻ عورتن جو ذمو آهي.ڏاڏي، ناني، ماسي ۽ ڀين وڏڙين جي آسري تي رهڻ سني سوچ نہ آهي.خدا پناهہ ڏئي، تي سگهي ٿو ڪو اهڙو وقت سِر تي اچي وڃي جو وڏڙين مان ڪا بہ موجود نہ هجي پر اڪثرويچارين وڏڙين کي صحيح ڄاڻ بہ نہ آهي تنهن ڪري انهن مسئلن جو سکڻ هر عورت لاءِ ضروري آهي. اهڙن موقعن تي پلي وڏڙيون اهو ڪم سرانجام ڏين پر هي ڪتاب سامهون رکي ڏسو ڪٿي غلطي تہ نہ ٿيون ڪن.جيڪڏهن ڪا غلطي نظر اچي تہ پيار، محبت ۽ ادب سان انهن کي سمجهايو ۽ وڏڙين کي بہ گهرجي تہ پنهنجي اڳوڻي ڄاڻ کي صحيح سمجهي ڪنهن بہ مسئلي تي هرويرو ضد نہ ڪن.هي شرعي معاملو آهي. شريعت جا مسئلا عالمن وٽان ۽ انهن جي لکيل ڪتابن مان ئي معلوم ٿيندا آهن. تنهنڪري هن معاملي ۾ ضد يا بحث مباحثي جي گنجائش نہ آهي بس جيئن شريعت چوي تيئن ان تي عمل ڪرڻ گهرجي.

غسل ڏيڻ جو بيان

جنهن تختي يا کٽ تي غسل ڏيڻ جو ارادو هجي ان کي ٽي يا پنج يا ست ڀيرا اگربتيءَ سان واس ڏجي، پوءِ ميت کي (جيئن آساني هجي يعني قبلي جي طرف پير ڪري جيئن مريض کي نماز پڙهڻ لاءِ سمهاريو ويندو آهي يا ڏکڻ پير ڪري

جيئن قبر ۾ رکڻ جو دستور آهي) ان تي سمهاريو وڃي. ان جاءِ تي پردو ڪرڻ مستحب آهي جو غسل ڏياريندڙ ۽ ان جي مددگار کان سواءِ ٻيو ڪو بہ نہ ڏسي. ميت کي سمهارڻ کان پوءِ ان جا ڪپڙا لاهجن. چولو چاڪ ڪري لاهجي ۽ دن کان وٺي گوڏن تائين بدن کي چادر سان ڍڪي پوءِ هيٺيون ڪپڙولاهجي.

مسئلہ: افضل آهي تہ غسل ڏياريندڙ پهريان پاڻ وضو ڪري پوءِ غسل ڏياري.

غسل جي تياري ۽ ان جي لاءِ گهربل سامان

شهر مان هي شيون اڳ ۾ گهرائي رکجن:

صابڻ، عطر، اگربتي، ڪافور ۽ ڪپهہ

سڀ کان پهريان غسل جي لاءِ پاڻيءَ ۾ ٻير جا پن وجهي نيم گرم ڪجي، غسل ڏيارڻ لاءِ دستانا (ڪپڙي جون ٿي ڳوٿريون) اڳواٽ تيار ڪجن، جيڪڏهن دستانا اڳ ۾ تيار نہ ٿي سگهيا هجن تہ پوءِ هٿن تي ڪو ڪپڙو ويڙهي پوءِ غسل ڪرائجي. مطلب تہ بغير ڪپڙي جي غسل نہ ڪرائجي. بالخصوص اوگهڙ جي حد ۾ بغير ڪپڙي جي بدن کي مهٽڻ يا استنجو ڪرائڻ ۽ ان ڏي نهارڻ گناهہ آهي. اوگهڙ جي مٿان ڪپڙو ڏئي پوءِ ان جي هيٺيان بدن کي صابڻ هڻجي ۽ مهٽجي.

غسل ڏيڻ جو مسنون طريقو

غسل شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ کٻي هٿ تي دستانو چاڙهي مٽيءَ جي ٽن يا پنجن ڍيرن سان ميت کي استنجو ڪرائجي. ان کان پوءِ پاڻيءَ سان ڌوئي پاڪ ڪجي. جيڪڏهن ڪا ظاهري پليدي لڳل هجي تہ ان کي ڌوئي ڇڏجي. پوءِ کٻي هٿ تان اهو دستانو لاهي ڇڏجي. وري سڄي هٿ تي ٻيو نئون دستانو چاڙهجي. پوءِ هن طرح ميت کي وضو ڪرائجي. پهريان ڪپهہ جو پهو پاڻيءَ ۾ پسائي چپن، ڏندن، مهارن ۽ نڪ جي ٻنهي ناسن تي گهمائجي ۽ جيڪڏهن جنابت (ٽڙ) يا حيض يا

نفاس جي حالت ۾ انتقال ٿي ويو هجي تہ پوءِ ڪپهہ جو پهو پاڻيءَ ۾ چڱيءَ طرح پسائي وات ۽ نڪ ۾ نپوڙجي جيئن پاڻي چڱي طرح وات ۽ ناسن ۾ وڃي ان ڪان پوءِ وري اهو پاڻي ڪپهہ ۾ جذب ڪرائي ڪڍي ڇڏجي.ان ڪان پوءِ وات، نڪ ۽ ڪنن ۾ ڪپهہ رکي ڇڏجي جيئن غسل ڪرائڻ وقت پاڻي اندر نہ وڃي. ان ڪان پوءِ منهن، پوءِ ٺونٺين سميت ٻانهون ڌوئجن. پوءِ مٿي جو مڪ ڪجي، پوءِ پير ڌوئجن. ان ڪان پوءِ مٿي جي وارن ڪي ڪنهن مسلمان ڪمپني جي ٺاهيل صابڻ سان ڌوئجي. ان ڪان پوءِ ميت ڪي کاٻي پاسي تي ليٽائي سڄي پاسي تي مٿي ڪان وٺي پيرن تائين ايترو پاڻي وهائجي جو تختي سان لڳل جسم جي ڌوپڻ جو بہ يقين ٿي وڃي. پوءِ وري ميت ڪي ساڄي پاسي تي ليٽائي ساڳي طرح پاڻي وجهجي ان ڪان پوءِ ميت ڪي پنهنجي ٽيڪ تي ويهاري پوءِ ان جي پيٽ ڪي آهستي آهستي مهٽجي. جيڪڏهن ڪا پليدي ظاهر ٿئي تہ ان ڪي ڌوئي ڇڏجي. ٻيهر وضو ۽ غسل ڪرائڻ جي ضرورت نہ آهي (هن فقير جي راءِ هي آهي تہ استنجا ڪرائڻ وقت بہ بهتر آهي تہ پيٽ ڪي مهٽجي جيڪڏهن ڪا غلاظت ظاهر ٿئي تہ ان وقت ئي ان ڪي ڌوئي پوءِ وضو ڪرائجي جيئن وضو ۽ غسل ڪرائڻ ڪان پوءِ پيٽ ڪي مهٽڻ جي صورت ۾ غلاظت جي ظاهر ٿيڻ جو تمام گهٽ احتمال هجي. (والله اعلم) ان ڪانپوءِ کاٻي پاسي تي ليٽائي وري ٽيون دفعو بہ پاڻي وهائجي جيئن عدد مسنون حاصل ٿي وڃي ۽ هي بہ مسنون آهي تہ هر پاسي جي ڌوئڻ وقت ٽي ٽي ڀيرا پاڻي هارجي. پاڻي هارڻ وقت صابڻ هٿي آهستي آهستي هٿ سان بدن ڪي مهٽجي.

غسل مڪمل ڪرائڻ ڪان پوءِ اهو مستعمل آلو دستانو لاهي نئون ۽ خشڪ دستانو هٿ تي چاڙهي پاڪ ۽ صاف ڪپڙي سان بدن ڪي اگهي خشڪ ڪجي، غسل ڏيارڻ وقت اوگهڙ تي جيڪو ڪپڙو ڏنو ويو هو ان جي مٿان ٻيو خشڪ

ڪپڙو ڏئي اهو آلو ڪپڙو ڪڍي ونجي. (رڪن دين، همارا اسلام، بهشتي زيور، احڪام ميت)

مسئلہ: بهتر آهي تہ وهنجارڻ واري تمام قريبي رشتيدار هجي، جيڪڏهن قريبي رشتيدا نہ هجي يا وهنجارڻ نہ ڄاڻندي هجي تہ پوءِ ٻي ڪا پرهيزگار ۽ ديندار خاتون پوريءَ طرح امانتداريءَ سان غسل ڏئي. امانتداري جو هڪ مطلب هي آهي تہ آرام ۽ سڪون سان مسنون طريقي جو لحاظ رکندي غسل ڏئي. ائين نہ ٿئي جو دل سان نہ چاهيندي بس مڙيئي جان ڇڏائڻ خاطر ٻہ ٽي لوٽا پاڻيءَ جا هاري ڇڏي ۽ امانتداري جو ٻيو مطلب هي آهي تہ جيڪڏهن ميت ۾ ڪا خوبي نظر اچي تہ ماڻهن جي سامهون بيان ڪري جيئن چهري جو نوراني ٿيڻ، بدن مان خوشبو اچڻ ۽ عضون جو نرم هجڻ ۽ جيڪڏهن ڪو عيب نظر اچي تہ ڪنهن سان بہ بيان نہ ڪري جيئن چهري جو رنگ مٽجڻ، بدن مان بدبوءِ اچڻ، عضون جو سڪي يا ڦري وڃڻ يا اهڙو ڪو بہ عيب جيڪو پوري زندگي ماڻهن کان لڪائيندي رهي هرگز بيان نہ ڪري ڇو تہ حديث شريف ۾ اچي ٿو تہ "پنهنجن فوت ٿيلن جون خوبيون بيان ڪيو ۽ براين کان باز رهو" يعني انهن جون برايون بيان نہ ڪيو.

مسنون ڪفن جي ڪپڙي جو اندازو ۽ تقسيم

هڪ درمياني جسم واري ماڻهوءَ جي ڪفن لاءِ ڏيڍ ميٽر بر (ويڪر) وارو ڪپڙو اندازًا پوڻا ڏهہ ميٽر کپندو جنهن جي پوري وضاحت ۽ تقسيم هن طرح آهي:

ڊيگهہ	ويڪر
وڏي چادر سوا ٻہ ميٽر،	ڏيڍ ميٽر
ننڍي چادر پورا ٻہ ميٽر	ڏيڍ ميٽر
سينہ بند ڏيڍ ميٽر	ڏيڍ ميٽر
قميص اڍائي ميٽر	هڪ ميٽر
نقاب پوش ڏيڍ ميٽر	ٻارنهن گرهہ

نوٽ: سينہ بند جي ٽڪري جي ڊيگھ فقہ جي ڪتابن پورا ٻہ ميٽر لکيو آهي پر منهنجي خيال ۾ ان جي لاءِ وڌ ۾ وڌ ڏيڍ ميٽر جي ضرورت پوندي ڇو تہ سينہ بند سيني کان وٺي سٿرن يا پيرن تائين هوندو آهي. تنهن ڪري مٿين تقسيم ۾ بہ ڏيڍ ميٽر لکيو ويو آهي. بهرحال انهيءَ جو دارومدار ڪپڙي جي بر(ويڪر) ۽ ميت جي جسم تي آهي. ان وقت جي صورتحال کي سامهون رکي انهيءَ حساب سان ڪپڙو گهرائجي ۽ ڪفن ناهجي.

فائده: وڏي ۽ ننڍي چادر جو بر (ويڪر) وڏو هجڻ ضروري آهي ڇو تہ ميت کي ان ۾ ويڙهڻو پوندو آهي. ۽ اهڙي طرح سينہ بند جو بر بہ وڏو هجڻ ضروري آهي ڇو تہ سينہ بند جو ڇاتي کان وٺي سٿرن تائين هجڻ ضروري آهي. باقي قميص ميت کي ويڙهبي نہ آهي تنهن ڪري وڏي بر واري ڪپڙي جي قميص واري ٽڪري جي بر مان غسل ڏيڻ وقت هٿن تي چاڙهڻ لاءِ دستانا (ڳوٿريون) ۽ ميت کي ڪفن پارائڻ کان پوءِ سيراندي، پيراندي ۽ وچ تي ڪفن کي ٻڌڻ لاءِ پٽيون نڪري سگهن ٿيون اهڙي طرح نقاب پوش جو بر ٻارهن گرهہ هوندو آهي تنهن ڪري ان ڪپڙي جي بر مان بہ کي شيون نڪري سگهن ٿيون جيئن سترپوش (اوگهڙ ڍڪيندڙ.)

نوٽ: ميٽرن جي لحاظ سان مسنون ڪفن جي باري ۾ هڪ اندازو بيان ڪيو ويو آهي تہ جيئن انهيءَ اندازي مطابق ڪپڙو گهرائجي. باقي ڪفن ناهڻ وقت مٿي لکيل حساب مطابق ڪفن جا حصا ميٽر سان نہ ماپبا آهن بلڪ ميت جي قد ۽ بت کي ماپي ان حساب سان حصا ڪٽي ڪفن ناهبو آهي.

ڪفن جي ماپ وٺڻ جو طريقو: ڪفن جي ماپ وٺڻ جو طريقو هي آهي تہ ميت جي قد ماپڻ لاءِ هڪ سَرَ جو ڪانو يا ڏاڳو ميت جي قد جي برابر ماپيو ۽ ڪلهن جي برابر ۾ ان تي هڪ نشان لڳايو ۽ ميت جي جسم ماپڻ لاءِ هڪ ڏاڳو سيني جي سامهون رکي جسم جي گولائي مان ڪڍو جيئن ان ڏاڳي جا ٻئي ڪنارا ٻنهي طرفن جي پاسرين تائين پهچن پوءِ ان ڏاڳي کي ٽوڙي رکي ڇڏيو

ڪفن جي ٽڪرن جي ويڪر

1: ننڍي ۽ 2 وڏي چادر جي ويڪر اُن ڌاڳي جي برابر يا برابر جي قريب هئڻ گهرجي. جيڪو پوري جسم جي گولائي مان ڪڍيو ويو هو پوءِ ڏسو ڪفن جي لاءِ جيڪو ڪپڙو آندو ويو آهي ان جو ٻر ايترو آهي ته پوءِ ويڪر اها صحيح آهي.
۽ جيڪڏهن ڪپڙي جو ٻر ان کان گهٽ آهي ته پوءِ جيڪڏهن ڪپڙي کي ڏيڍي ڪرڻ سان ويڪر ايتري ٿي وڃي ته پوءِ ڪپڙي کي ڏيڍي ڪيو ۽ جيڪڏهن ڏيڍي ڪرڻ سان ويڪر ايتري نه ٿي ٿئي ته پوءِ ڪپڙي کي ٻٽو ڪيو.
2: سينہ بند واري ٽڪري جي ويڪر ڇاتيءَ کان وٺي سٿرن يا پيرن تائين هئڻ گهرجي.
4: قميص واري ٽڪري جو ٻر وڏو هجڻ ضروري نه آهي ان جي لاءِ اندازًا وال يا ٿورو گهڻو گهٽ يا وڌ هجي ته پرواهہ نه آهي پر جيڪڏهن ڪپڙي جو ٻر تمام وڏو آهي ته پوءِ جيئن مٿي بيان ڪيو ويو آهي ته ان جي ٻر مان ٻيا ضرورت جا ٽڪرا نڪري سگهن ٿا.
5: نقاب پوش واري ٽڪري جو ٻر وڌ ۾ وڌ ٻارهن گرهہ هوندو آهي.

ڪفن جي ٽڪرن جي ڊيگهہ

1: ننڍي چادر جي ڊيگهہ اُن ڪاني يا ڌاڳي جي برابر هجي جيڪو ميت جي پوري قد سان ماپيو ويو هو.
2: وڏي چادر، ننڍي چادر ڪان ايتري وڏي هجي جو ٻنهي طرفن کان ميت کي ٻڌي سگهجي. جنهن جو اندازو چار گرهہ آهي.
3:سينہ بند جي ڊيگهہ ايتري هجي جو ان سان چڱي طرح ميت کي ٻڌي سگهجي.

4: قميص ميت جي قد ماپڻ وقت ڪاني يا ڏاڪي تي ڪلهن جي برابر ۾ جيڪو نشان لڳايو ويو هيو، ان نشان کان وٺي اڌ پني يا پيرن تائين واري ماپ کان ٻيڻو ڪپڙو ماپي ۽ ان کي ڪٽيو پوءِ ان ڪپڙي جا ٻئي ڪنارا پاڻ ۾ ملائي پوري وچ تي ٻيڻو ڪري سيني جي طرف ايتر قدر چاڪ ڪوليو (قئنچي سان چير ڏيو) جو آرام سان ڳچيءَ ۾ پارائي سگهجي.
5: نقاب پوش جي ڊيگهه ڏيڍ ميٽر هئڻ گهرجي.

متعلقات ڪفن مان مراد ڇا آهي؟

معلوم هئڻ گهرجي ته غسل ڏيڻ، ڪفن پارائڻ ۽ جنازي جي نماز پڙهڻ وقت ڪفن مسنونہ کان علاوه ڪجهه ٻين ڪپڙن جي به ضروري پوندي آهي. انهن کي متعلقات ڪفن (يعني ڪفن سان واسطو رکندڙ) چيو ويندو آهي جيئن ته انهن ڪپڙن مان ڪي اُهي آهن جيڪي ضروري نه آهن ۽ ڪي ضروري ته آهن پر انهن جو نئون هجڻ ضروري نه آهي تنهن ڪري صغير وارثن جي ملڪيت مان انهن ڪپڙن جو خريد ڪرڻ جائز نه آهي. صغير وارثن جي ملڪيت مان صرف ڪفن مسنونہ جو خريد ڪرڻ جائز آهي.

متعلقات ڪفن هي آهن:

1: ستر پوش (يعني اوگهڙ ڍڪيندڙ) هي به هوندا آهن، هي هر هڪ سوا ميٽر جو هوندو آهي هڪڙو انهن مان غسل ڏيڻ وقت اوگهڙ جي مٿان ڏيئي غسل ڪرايو ويندو آهي ۽ ٻيو غسل مڪمل ڪرائڻ ڪانپوءِ اوگهڙ جي مٿان ڏيئي آلو ڪپڙو ڪڍي وٺبو آهي. پوءِ جيڪڏهن انهي ڪپڙي جي مٿان ڪفن پارائجي ته به صحيح آهي ۽ جيڪڏهن اوگهڙ کي ڪفن سان ڍڪي پوءِ

انهي ڪپڙي کي بہ ڪڍي ڇڏجي. تہ بہ جائز آهي. پوءِ انهن چادرن کي پنهنجي ڪم آڻجي تہ بہ صحيح آهي. ۽ جيڪڏهن ثواب خاطر ڪنهن مسڪين کي ڏيئي ڇڏجن تہ بہ صحيح آهي.

2: جنازي جي نماز پڙهائڻ لاءِ مصلو ديگهہ سوا ميٽر هن جو بہ نئون هجڻ ضروري نہ آهي.

3: دستانا ، هٿن تي چاڙهڻ لاءِ ٻُوتريون اهي ٽي عدد ٺاهي رکجن انهن جي لاءِ ڪپڙو ميٽر جو چوٿون حصو کپندو.

4: ميت جي مٿان وجهڻ لاءِ چادر

متعلقات ڪفن جي وڌيڪ وضاحت

1: ستر پوش بہ عدد هر هڪ سوا ميٽر ٽوٽل اڍائي ميٽر

2: جنازي جي نماز پڙهائڻ لاءِ مصلو سوا ميٽر

3: دستانا ميٽر جو چوٿون حصو

4: ميت جي مٿان وجهڻ واري چادر ڪان سواءِ متعلقات ڪفن جي لاءِ ڪل چار ميٽر ڪپڙو کپندو.

ميت کي ڪفن پارائڻ جو طريقو

سڀ کان پهريان ڪفن جي ڪپڙي کي اگربتيءَ سان ٽي، پنج يا ست ڀيرا واس ڏيو. پوءِ هن طرح ڪٽ تي ڪفن وڇايو سڀ کان پهريان سينہ بند اهڙي انداز سان وڇايو جيئن ميت جي ڪلهن جي هيٺيان کان سٿرن يا پيرن تائين اچي وڃي.

ان کان پوءِ وڏي چادر، ۽ ان جي مٿان ننڍي چادر ۽ ان جي مٿان نقاب پوش جو هڪڙو پاسو اندازًا ميت جي اڌ پنيءَ کان وڇائي ٻيو پاسو سيرانديءَ جي طرف کان ويڙهي رکي ڇڏيو. ان جي مٿان قميص جو هيٺيون پاسو وڇائي مٿيون پاسو

سيرانديءَ جي طرف کان ويڙهي رکي ڇڏيو. پوءِ ميت کي ان تي سمهاري قميص پارايو. غسل ڏيڻ وقت جيڪڏهن وات، نک ۽ کنن ۾ ڪپهه رکي هجي ته اها ڪڍي ڇڏيو. پوءِ وارن ۽ سڄي بدن کي خوشبو لڳايو. ۽ سجده ڪرڻ وقت جيڪي عضوا زمين تي لڳن ٿا يعني پيشاني، نڪ، هٿ، گوڏا ۽ پير انهن کي ڪافورلڳايو.

ان کان پوءِ وارن جا ٻه حصا ڪري قميص جي مٿان سيني تي رکي ڇڏيو. هڪ حصو ساڄي طرف ۽ ٻيو کاٻي طرف. ان کان پوءِ نقاب پوش جو ٻيو پاسو مٿي ۽ منهن تي نقاب وانگر وجهي وارن جي مٿان رکي ڇڏيو. ان کان پوءِ ننڍي چادر جو کاٻو پاسو ميت تي ورايو ان جي مٿان ساڄو پاسو جيئن ساڄو پاسو مٿان هجي ان کان پوءِ ساڳئي طريقي سان وڏي چادر ويڙهيو.

سيني جي مٿان سينه بند جو مٿيون پاسو ڪلهن جي هيٺيان کان ۽ هيٺيون پاسو سٿرن يا پيرن تائين (جيترو به ڪپڙو هجي) آٽي ٻڌي ڇڏيو، پوءِ سيراندي ۽ پيراندي ۽ وچ تي پٽين سان ڪفن کي ٻڌي ڇڏيو.



دعوت فڪر

بيمار دلين جو بنا آپريشن جي علاج

قلب جو قرار اڄ ڪلهہ چؤطرف عياشيءَ جا بي انداز وسيلا موجود آهن. پر ان جي باوجود دل جو سڪون ۽ قلب جو قرار ڪونهي، ان سلسلي ۾ اللہ تعالىٰ جو ارشاد آهي:

اَلَا بِذِكۡرِ اللّٰهِ تَطۡمَئِنُّ الۡقُلُوۡبُ

”خبردار! اللہ جي ذڪر سان ئي دليون اطمينان وٺن ٿيون.“

ياد رکڻ گهرجي علم ڪان سواءِ عمل بلڪل بيڪار آهي، بلڪ اهڙو علم اٽلندو آخرت ۾ ذلت ۽ خواريءَ جو باعث بڻبو.

سبب ۽ علاج:

تڏهن يقين ٿيو تہ دلين ۾ بي آرامي، قلب جي ڪارڻ، ۽ دل جي خرابيءَ جو نتيجو آهي، جيستائين اهو ڪَٽيل قلب روشن نہ ٿيندو، تيستائين انسان جو سڌارو مشڪل آهي. حضور نبي ڪريم ﷺ جن فرمائن ٿا:

لِكُلِّ شَيۡءٍ صِقَالَةٌ وَصِقَالَةُ الۡقُلُوۡبِ ذِكۡرُاللّٰهِ

”هر هڪ شيءِ جي صفائيءَ جو اوزار آهي ۽ دل جي صفائيءَ جو اوزار اللہ جو ذڪر آهي.“

انهيءَ صفائي بعد ئي ڪاميابي انسان جو قدم چمندي. جيئن اللہ تعالىٰ فرمائي ٿو:

قَدۡ اَفۡلَحَ مَنۡ زَكّٰهَا

”اهو شخص جنهن پنهنجو نفس پاڪ ڪيو ڪامياب ٿيو“

ليڪن انهيءَ اٽانگي راهه ۾ نفس شيطان جا خطرناڪ ڪندا وڇايل آهن جي هر گهڙيءَ مرده دل ۾ اجايا وسوسا وجهي بي همت بنائيندا رهن ٿا ان لاءِ ضروري آهي تہ روحاني اسپتال ۾ پهچي مئل دل ۽ ڪٺيل قلب جو علاج ڪرائجي. اڄوڪي زماني ۾ اڪثر انسان مٿين مرضن ۾ مبتلا آهن:

ايڊريس: مايوس ٿيڻ نہ گهرجي. حضور پاڪ ﷺ جن فرمائن ٿا تہ: **لِكُلّ دَاءٍ دَوَاءٌ**

هر هڪ درد جي دوا آهي انهن اندر جي بيمارن کي ڏس ڏنو وڃي ٿو تہ نوشهروفيروز ضلعي جي ڪنديارو قومي شاهراهه تي مين بس اسٽاپ جي ڏکڻ جي طرف لڳو لڳ واقع درگاهه الله آباد شريف، ۽ دادو ضلعي جي ميهڙ تعلقي جي راڌڻ اسٽيشن جي اتر طرف ٻن فرلانگن تي واقع ريلوي لائين سان لڳو لڳ واقع درگاهه فقيرپور شريف، اهڙن روحاني بيمارين واسطي روحاني اسپتال کولي وئي آهي. جنهن ۾ بنا پئسي، مفت علاج ڪيو وڃي ٿو.

روحاني طبيب **حضرت قبله عالم محمّد طاهر نقشبندي المعروف سڄڻ سائين مدظله العالي** جي نوراني نظر ۽ باطني توجہ سان ڪيترائي اهڙا روحاني بيمار، بي نمازي، چور، ڌاڙيل، زاني، شرابي، بدمذهب سڌري، نيڪوڪار، نمازي ۽ پرهيزگار بڻجي ويا. هتي عورتن لاءِ خاص جدا پرده جو انتظام آهي. انهن جي لاءِ ضروري تعليم جو بندوبست پڻ آهي. هتي ڪا بہ عورت بي نمازي نہ آهي.

نوٽ:درگاھ الله آباد شريف ڪنديارو ۾ ھر انگريزي مھيني جي ٻئي آچر تي شام جو عصر نماز کان مغرب تائين ۽ فقيرپور شريف ۾ ماھوار يارھين شريف جي موقعي تي عظيم الشان پروگرام ٿيندا آھن، جنھن ۾ اھڙن روحاني بيمارن جي علاج ۽ اصلاح واسطي عام اجتماع ٿيندو آھي.

خوشخبري

الاصلاح پبليڪيشن دادو پاران وقت به وقت بي بھاءِ قيمتي ڪتاب شايع ٿيندا رھن ٿا. ھن وقت به جن ڪتابن جو اسٽاڪ اداري وٽ موجود آھي سي ھي آھن:

1: سيرت ولي ڪامل: حصو ٻيو (اردو) جنھن ۾ حضرت قبله **سھڻا سائين** رحمة الله عليه جن جي سوانح حيات ۽ سندن ديني خدمتن جو تذڪرو آھي.

2: تعليمات امام رباني ترجمه ۽ شرح مڪتوبات امام رباني. حضرت مولانا حبيب الرحمٰن گبول طاھري جو آسان سنڌي زبان ۾ لکيل ناياب ڪتاب تصوف جو شاھڪار ڪتاب آھي. پھرئين ڀاڱي جو ٻيو حصو به جلد شايع ٿيڻ وارو آھي.

3: الاصلاح (سنڌي) سلسليوارر رسالو جماعت جو ترجمان رسالو، جيڪو ھر ٽن مھينن بعد باقائدگي سان شايع ٿيندو رھي ٿو، جنھن ۾ درس قرآن، درس حديث سميت مختلف موضوعن تي قسطوار مضمون ۽ ٻيومواد شامل ھوندو آھي دلچسپي رکندڙ دوستن کي مشورو ٿو ڏجي ته ھو اداري جي نمبر تي رابطو ڪري ڪتاب گھرائي سگھن ٿا.

الاصلاح پبليڪيشن دادو

بسم اللہ الرحمٰن الرحيم

سلسلہ عاليہ نقشبنديہ مجدديہ فضليہ غفاريہ بخشيہ طاھريہ

اللّٰھم صل علىٰ سيدنا محمد وعلىٰ آله واصحابه وبارک وسلم

سڀ ثنا مخصوص ذاتِ کبريا جي واسطي
سڀ سلام ۽ سڀ صلواتون مصطفىٰ جي واسطي
تئي عطا صدق و صفا صديق اکبر جي طفيل
حب پنھنجي کر عطا ھن باوفا جي واسطي
صدقي سلمان فارسي جي کر کرم پنھنجو کريم
حضرت قاسم امام الاولياءِ جي واسطي
حضرت جعفر محابي نفس مون مغلوب تئي
قطب عالم بايزيد بادشاه جي واسطي
خواجہ خرقاني ابوالحسن شھنشاه اولياءِ
پير پيران ابوالقاسم باخدا جي واسطي
صاحب فيض و فضيلت بوعلي شيخ الورىٰ
خواجہ بويوسف ٻلاري با حيا جي واسطي
خواجھ صاحب عبدالخالق غجدواني اولياءِ
شيخ عارف ريوگري ھن حق نما جي واسطي
حضرت محمود صدقي عاقبت محمود کر
پير علي راميتني مردِ خدا جي واسطي
خواجہ بابا سماسي مرد فاضل باکمال
شاه شمس الدين سيد شھنشاه جي واسطي
غوث اعظم قطب عالم شھنشاهِ نقشبند
شاه بھاؤالدين بخاري دلربا جي واسطي

دل منهنجي ٿئي اسم اعظم سان منور با خدا
پير علاؤ الدين عابد بي ريا جي واسطي
حضرت يعقوب صدقي مشڪلاتون معاف ڪر
پير عبيدالله افضل اولياءِ جي واسطي
حضرت زاهد جي صدقي زهد ڪامل ٿئي نصيب
سائين درويش محمد مقتدىٰ جي واسطي
خواجہ امڪنگي جي صدقي گريہ زاري ٿئي عطا
خواجہ محمد باقي بالله باصفا جي واسطي
شهنشاه اولياءِ نائب جناب مصطفىٰ
حضرت خواجہ مجدد مهربان جي واسطي
حضرت معصوم صدقي عشق ڪامل ٿئي نصيب
سائين سيف الدين رهبر رهنما جي واسطي
حضرت محسن جي صدقي معاف ڪر منهنجي خطا
پير ڪامل نور محمد پارسا جي واسطي
سائين حبيب الله شهيد مرزا مظهر جان جان
خيرخواه خواجہ غلام علي خوش ادا جي واسطي
بوسعيد شيخ احمد دهلوي غوث زمان
فاروقي احمد سعيد شمس الهدىٰ جي واسطي
دوست تنهنجو يا الاهي دوست محمد دلربا
حضرت عثمان تارڪ ماسوىٰ جي واسطي
حضرت محمد لعل شاه ۽ سراج الدين سائين
دل جي ظلمت دور ٿئي هن ۾ لقا جي واسطي
فيض فضلي جو وسي ٿو عجم عربستان ۾
فضل ٿئي، فضل علي فضل خدا جي واسطي
نائب خيرالورىٰ حضرت خواجہ محمد عبدالغفار

مهر ٿئي مسڪين تي هن مهربان جي واسطي
ابر رحمت، شاه شفقت، خواجہ الله بخش سائين
هيءَ دعا مقبول ٿئي، قطب الوریٰ جي واسطي
مالِ ملڪيت جي محبت قلب مان زائل ٿئي
پير هادي الله آبادي پرجهلا جي واسطي
شيخ ڪامل ۾ فنائيت ۽ محبت ٿئي نصيب
پير شل راضي هجي هن بي نوا جي واسطي
يا خدا تنهنجو ڇڏي در ٻيو پلا ڪاڏي وڃون
رحم ڪر اي راحمين پنهنجي سخا جي واسطي
يا الاهي تنهنجي رحمت جو ڪنارو ڪو نہ آ
پياس دل جي دور ڪر پنهنجي عطا جي واسطي
يا الاهي بحر عصيان ۾ غرق آهيان صفا
ڪرم سان ٿئي دستگيري مبتلا جي واسطي
ڪر عطا مون کي سعادت دين دنيا جي تمام
سيد الڪونين خاتم انبياءِ جي واسطي
عرض عاجز محمد طاهر جو ٿئي شل مستجاب
جملہ ڪامل اولياءِ ۽ اتقيا جي واسطي

آمِيْن يَارَبَّ الْعَالَمِيْنَ وَصَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی حَبِيْبِہٖ
سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰی آلِہٖ وَاَصْحَابِہٖ اَجْمَعِيْنَ.

جامع مسجد درگاہ اللّٰہ آباد شریف جو پیارو منظر



Designed By: M.Ameen Otho Tahiri....Nawabshah.0302-3227609